يَآ اَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡ كُتِبَ عَلَيۡكُمُ الصِّيَامُ

برڪاتِ رمضان

علامه مولانا حبيب الرحمٰن گبول طاهري

طاهري پبليڪيشن حيدر آباد

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شَهۡرُ رَمَضَانَ الَّذِيۡٓ اُنۡزِلَ فِيۡهِ الۡقُرۡآنَ

رمضان اهو مبارڪ مهينو آهي جنهن ۾ قرآن ڪريم نازل ڪيو ويو آهي.

برڪات رمضان

مؤلف
حضرت علامه مولانا حبيب الرحمان صاحب گبول
فاضل غفاري

ناشر طاهري پبليڪيشن حيدرآباد

پوسٽ باڪس نمبر ۱۰۵۹ لطيف آباد حيدرآباد

اداره معرفة درگاه الله آباد شريف ڪنڊيارو

كتاب جو نالو: بركات رمضان

مصنف: علامہ مولانا حبيب الرحمٰن گبول طاهري

اشاعت دوئم: رجب المرجب ١۴١٧ھ

تعداد: هڪ هزار

پرنٽنگ: عذرا عروج پرنٽنگ پريس
ياڻي خان چاڙهي حيدرآباد

ناشر: طاهري پبليكيشن حيدرآباد

هديہ: ____________

ملڻ جا هنڌ

ادارة المعرفة درگاه الله آباد شريف كنديارو

طاهري پبليكيشن حيدرآباد پوسٽ بكس نمبر ١٠٥٩

فهرست مضامين

مقدمه طبع ثالث

الله تعاليٰ جا لک احسان جنهن هن عاجز گنهگار جي ڪوشش کي قبوليت جو شرف بخشي پيش نظر ڪتاب ”برڪات رمضان“ کي پنهنجي پيارن جي نظر ۾ پيارو ۽ مقبول بنايو. عامة الناس عموما، علماءِ ۽ اهل ذڪر فقراءِ خصوصا ان کي پسند ڪيو. مبلغن ۽ واعظن رمضان المبارڪ جي تقرير دوران ان کان مدد ورتي. شاگردن، پيش امامن ۽ گهڻ علم وارن مسجدن ۾ ان جي درس جو اهتمام ڪيو. الحمدلله اهو سلسلو سترهن سالن کان هلندڙ آهي. ۽ هن کان اڳ ٻه ڀيرا دفعا هي ڪتاب ڇپجي مارڪيٽ ۾ آيو وري ٻه سال پڻ کان وٺي ناياب هيو ۽ گهڻن دوستن ٻيهر ڇپرائڻ جي تقاضا ڪئي ٿي.

الله تعاليٰ جزاءِ خير عطا فرمائي ته ماهي الطاهر جي سرڪيوليشن منيجر سيد سادات جناب خالد محمود شاهه صاحب کي جنهن ان ضرورت کي محسوس ڪندي ٽيهر برڪات رمضان ڇپرائڻ جو اهتمام ڪيو. سو ٻه انتهائي سڪ ۽ شوق وچان نئين سر ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ، آفسيٽ جي اعليٰ ڇپائي ۽ رنگين ڪور سان.

شال الله تعاليٰ قارئين ڪرام کي اڳي جيان قدر ڪندي زياده کان زياده هن ڪتاب مان فائدو پرائڻ جي توفيق عطا فرمائي، هن عاجز مؤلف، شاهه صاحب قبله ۽ ٻنهي جي صالح والدين جي صحت وسلامتي ۽ آخرت جي نجات جو ذريعو بنائي. آمين.

فقير حبيب الرحمن گبول طاهري بخشي

مقدمه

بسم الله الرحمن الرحيم

الحمد لله وكفي وسلام علي عباده الذين اصطفي

اما بعد: نهايت ڏک، افسوس ۽ ارمان جو مقام آهي، جو جنهن دين اسلام اسان کي گمراهي جي عميق اونداهين کان ڪڍي، نور هدايت جي روشني ۾ صراط مستقيم تي گامزن ڪيو، جنهن اسان کي ذلت ۽ رسوائي کان نجات بخشي عزت ۽ سرفرازي جي مٿانهين مينار تائين ترقي بخشي، اڄ اسان پنهنجو پاڻ ان محسن مذهب اسلام جي بيخ ڪني ڪري رهيا آهيون، اهي نيڪ عمل جن جي ذريعي اسان جي ما سلف عروج ۽ ترقي حاصل ڪئي، اڄ اسان انهن رهنما اصولن جي نه فقط خلاف ورزي ڪري رهيا آهيون، پر الٽو ان تي اعتراض، ٽوڪ ۽ چٿر آهي، اهوئي سبب آهي جو اڄ اسان ترقي جي بجاءِ تنزل ڏي مائل آهيون آزادي جي باوجود پاڻ کي غير جو غلام سمجهي رهيا آهيون.

اچو ته اڄ اسان وري هي عهد ۽ انجام ڪريون ته دين اسلام جي هر هڪ حڪم جي دل وجان سان تعميل ڪنداسين، پاڻ به هوشيار رهنداسين، ۽ ٻين کي به بيدار ڪنداسين. خاص ڪري الله مهربان جي هن پياري مهمان رمضان جو پورو پورو ادب واحترام ڪري هن جي رحمتن،

بخشش ۽ برڪتن ڪان پاڻ بہ فيضياب ٿيندا سين ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏيندا سين.

محض الهيءَ ضرورت جي پيش نظر ۽پنهنجي مرشد مربي ولي ڪامل عارف بالله حضرت خواجہ الحاج الله بخش غفاري نقشبندي دامت برڪاتهم العاليه. جي تعميل حڪم ۽ رضامندي خاطر. پنهنجي نااهلي ۽ بي لياقتي جي باوجود رمضان شريف ۾ تبليغ ڪندڙ مبلغن جي سهولت ڪي سامهون رکي، روزي جا فضائل آداب. فائدا ۽ روزي نہ رکڻ جا وعيد ۽ ڪجهہ مسئلا پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. شل الله تعاليٰ مسلمان ڀائرن کي هن مان فائدي حاصل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ عاجز گنهگار جي هن محنت کي قبوليت جو شرف بخشي، ديني، دنيوي سعادت ۽ اخروي نجات جو ذريعو بنائي. آمين يا رب العالمين بجاه سيد الاولين والاخرين صلي الله تعاليٰ عليه وعليٰ آلہ واصحابه واتباعه وبارڪ وسلم

رقمہ

العبد المذنب لاشيءِ

فقير حبيب الرحمن بخشي فاضل غفاري

شعبان المعظم سنہ ١۴٠٠ھ

تقريظ

از ممتاز عالم دين مايہ ناز خطيب اهل سنت جناب الحاج مولانا محمد ادريس صاحب مهتمم جامعه محمديہ شاهہ پور جهانيہ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْٓ اُنْزِلَ القرآن في شهر رمضان وجعله وسيلة لدخول الجنة وامانا من النيران والصلواة والسلام علىٰ سيدنا ومولانا محمد سيد الانس والجان وعلىٰ آله واصحابه الي يوم الميزان اما بعد:

هن عاجز ڪتاب برڪات رمضان ڪي مطالعه ڪيو. فاضل نوجوان محقق والاشان حضرت مولانا مولوي حبيب الرحمان صاحب مدظله جن جنهن جفا ۽محنت سان صحيح ۽ مستند حديثون رمضان شريف جي برڪتن متعلق جمع ڪيون آهن. مولانا جي اها محنت قابل صد تحسين وآفرين آهي. جملہ مسلمانن جي لاءِ مولانا جو قلم نهايت ڪارائتو ثابت ٿيو آهي. فاضل نوجوان هن کان اڳ ۾ بہ هڪ ڪتاب هدايت السالڪين لکيو هو. جيڪو پنهنجي فن ۾ بهترين ڪتاب آهي. پر دراصل اها مولانا صاحب جي محنت بہ نتيجہ آهي صحبت ۽ نظر ڪرم. حضرت قبلہ مرشدي سيدي وسندي، ماوائي وملجائي پير طريقت قبلہ شيخ حقيقت صاحب معرفت فياض اوان مرشد

دوران خواجه خواجگان حضرت الحاج الله بخش صاحب قبله غفاري دامت برڪاتهم العاليه جي جو. جن هن آخري دور ۾ محض رضاء خدا لاءِ خلق خدا ۾ بيداري ۽ دين جو درد پيدا ڪيو آهي. مختلف جاين تي سفر ڪرڻ. ڪڏهن فقير پور شريف استيشن راڌڻ، ضلع دادو ته ڪڏهن الله آباد شريف ڪنڊيارو ضلع نواب شاهه ته ڪڏهن لاڙ ۾ چارڪي شريف، ڪڏهن سنڌ ۾ ته ڪڏهن پنجاب ته ڪڏهن صوبه سرحد تائين سندن سفر ان دين جي خدمت ۽احياءَ لاءِ ٿيندو رهي ٿو. اگر ڪو به شخص بنظر انصاف ڏسي ته هي حقيقت اظهر من الشمس آهي، ها جنهن کي تعصب جي پٽي اک تي ٻڌل آهي اهو ته بي ميار آهي.

گر نه بيند بروز شبپر چشم آچشمه آفتاب را چه گناه

اللهتعاليٰ شل اسان مسلمانن کي اهڙن جوانن جي صحبت بابرڪت کان مستفيض ٿيڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽جنهن موضوع تي هي ڪتاب لکيل آهي يعني رمضان جون برڪتون انهن جي حاصل ڪرڻ جي همت پيدا ٿئي. حقيقت ۾ يارهن مهينن جي خطائن ۽ ڏوهن کان آزاد ٿيڻ جي لاءِ رمضان شريف کان وڏيڪ ٻي ڪهڙي ڪسوٽي آهي. حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن کان حضرت ابو هريره رضي الله عنه روايت ڪئي آهي ته حضور صلي الله عليه وسلم فرمايو:

الصلوات الخمس والجمعة الي الجمعة ورمضان اليٰ رمضان

مڪفرات لما بينهن اذا أجتنبت الڪبائر- مشڪوات ڪتاب الصلواة صـ ٥٧ بحوالہ مسلم شريف. يعني پنج نمازون ۽ جمعه جي نماز ٻئي نماز تائين ۽ رمضان ٻئي رمضان تائين وچ وارن گناهن کي ميٽائيندڙ آهن، جنهن وقت تو ڪبيرن گناهن کان پاسو ڪيو.

از ان سواءِ رمضان شريف ۾ سمورو مهينو تراويح باجماعت هلندي آهي ۽ سارو مهينو قرآن شريف جي تلاوت، درود، ذڪر ۽ مراقبي ۾ تمام سهڻي نموني گذرندو آهي. بلڪ رمضان شريف جي گذرڻ ڪان پوءِ في الحال تہ ملڪ خالي ۽ بي لذت نظر ايندوآ هي. ڪيترا ماڻهو جيڪي خدا جو فرض بہ ڪڏهن پڙهندا آهن تہ ڪڏهن رهجي ويندو اٿن. هن مهيني ۾ نهايت چست ٿي تهجد بہ ادا ڪندا آهن.

هن ڪتاب ۾ نهايت عمده ۽ عجيب روايتون تشريح سان گڏ ذڪر ڪيل آهن. سنڌي پڙهيل حضرات لاءِ هي هڪ نسخہ ڪيميا آهي.

الله تعاليٰ شل اسان جي مسلمان ڀائرن کي هن ڪتاب پڙهڻ ۽ حديثون مطالعہ ڪرڻ جي توفيق بخشي ۽ هن جي مصنف کي دارين جي نعمت سان نوازي آمين

فقط والله الهادي

الفقير محمد ادريس عفي عنه

بيوم الجمعہ ٦، شعبان ١٤٠٠هہ

بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

"ماڻڪ موتي لعل"

نهايت خوشيءَ جي ڳالهہ آهي جو فاضل نوجوان مولانا حبيب الرحمن صاحب غفاري، بخشي، جن ڪتاب لاجواب نالي "برڪات رمضان المبارڪ" لکي ڇپائي رهيا آهن. ڪتاب جي نالي مان پڌرو آهي تہ ڪتاب رمضان المبارڪ جي فضائل ۾ لکيل آهي. هي ڪتاب نهايت ئي پنهنجو مٽ پاڻ آهي، جنهن جو جملو، جملو جواهر، اکر، اکر املهہ ماڻڪ، سٺ سٺ، سچا موتي آهن. انهيءَ ڳالهہ ۾ شڪ نہ آهي تہ سنڌيءَ ۾ هيءُ ئي پهريون ۽ جامع ڪتاب آهي، جيڪو قرآن ڪريم احاديث پاڪ ۽ فقہ جي روشني ۾ لکيو ويو آهي، جنهن جي خصوصيت هيءَ آهي تہ ڪتاب قرآن ڪريم، احاديث پاڪ ۽ فقہ جي روشني ۾ لکيو ويو آهي، جنهن جي خصويت هيءَ آهي تہ ڪتاب ۾ قرآن مجيد جي آيتن ۽ احاديث پاڪ جو متن ۽ عربي شامل ڪيل آهي. جنهن ڪري ڪير ۾ ڪند، مکڻ ۾ ماکي، نور تي نور ۽ سون تي سهاڳو ثابت ٿيو آهي. ۽ عربي عبارتون شامل ڪرڻ ضروري آهن. ڪتاب ۾ سهڻي سيبائيندڙ، سيلس ۽ صاف سنڌي ٻولي ڪم آندل آهي، جا ڪتاب جي هڪ وڏيڪ خوبي آهي.

ڪتاب جي پڙهڻ مان معلوم ٿيو آهي تہ مصنف فاضل نوجوان هيءُ ڪتاب نهايت اخلاص، محبت ۽ سرس سڪ ۽ پابوهہ سان لکيو آهي. انهيءَ کي مد نظر رکي چئجي ٿو تہ مولوي صاحب واقعي حبيب الرحمن آهي. هي ڪتاب سندس نيڪ اعمال مان باقيات صالحات ۾ شامل ٿيندو. ڏٽي تعاليٰ جي درگاهہ عاليجاهہ ۾ دست بدعا آهيان تہ مولانا حبيب الرحمن صاحب کي تندرستي ۽ توانائي سان خضري عمر عطا فرمائي تہ جيئن دينيات تي تمام گهڻي ڪان گهڻا ڪتاب لکي ڇپائي.

آمين! ثم آمين!!

فقير رحيم بخش ”قمر“

گلزار مسجد شريف

١٨ شعبان المعظم ١۴٠٠ نواب شاهہ سنڌ

بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمَانِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ الَّذِيۡ جَعَلَ شَهۡرَ رَمَضَانَ لِاَهۡلِ الۡاِيۡمَانِ سَبَبًا لِنُزُوۡلِ الرَّحۡمَةِ وَالۡغُفۡرَانِ، وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰي سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ مَنۡبَعَ الۡجُوۡدِ وَالۡاِحۡسَانِ وَعَلٰي اٰلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ اَفَاضِلِ الۡاَعۡيَانِ عَلَيۡهِمۡ رَحۡمَةُ الرَّحۡمَانِ وَالرِّضۡوَانُ.

اَمَّا بَعۡدُ: قَالَ اللهُ تَعَالٰي:

يَا اَيُّهَا الَّذِيۡنَ آمَنُوۡا كُتِبَ عَلَيۡكُمُ الصِّيَامُ كَمَا كُتِبَ عَلَي الَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلِكُمۡ لَعَلَّكُمۡ تَتَّقُوۡنَ○ اَيَّامًا مَّعۡدُوۡدَاتٍ ؕ فَمَنۡ كَانَ مِنۡكُمۡ مَرِيۡضًا اَوۡ عَلٰي سَفَرٍ فَعِدَّةٌ مِّنۡ اَيَّامٍ اُخَرَ ؕ وَعَلَي الَّذِيۡنَ يُطِيۡقُوۡنَهٗ فِدۡيَةٌ طَعَامُ مِسۡكِيۡنٍ ؕ فَمَنۡ تَطَوَّعَ خَيۡرًا فَهُوَ خَيۡرٌ لَّهٗ ؕ وَاَنۡ تَصُوۡمُوۡا خَيۡرٌ لَّكُمۡ○

اي مومنو! اوهان تي روزا فرض ڪيا ويا آهن، جيئن اوهان کان اڳين تي فرض ڪيا ويا هئا . تانته اوهان پرهيزگار ٿيو (روزا) ڳڻيل ڏينهن آهن. پوءِ اوهان مان جيڪو بيمار هجي (ان تي) ٻين ڏينهن مان ڳڻڻ (ڳڻي رکڻ لازم) آهي ۽ جن کي طاقت نه آهي (روزه جي) تن تي لازم آهي فديو ڏيڻ. هڪ مسڪين جو کاڌو. پوءِ جيڪو چڱائي وڌيڪ ڪندو تن لاءِ اها ڀلي آهي. ۽ روزا رکو ته بهتر آهي اوهان لاءِ جيڪڏهن اوهان سمجهدار هجو.

اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ○ شَهْرُ رَمَضَانَ الَّذِيْ اُنْزِلَ فِيْهِ الْقُرْآنُ هُدًى لِّلنَّاسِ وَبَيِّنَاتٍ مِّنَ الْهُدٰى وَالْفُرْقَانِ فَمَنْ شَهِدَ مِنْكُمُ الشَّهْرَ فَلْيَصُمْهُ ط وَمَنْ كَانَ مَرِيْضًا اَوْ عَلٰى سَفَرٍ فَعِدَّةٌ مِّنْ اَيَّامٍ اُخَرَ ط يُرِيْدُ اللهُ بِكُمُ الْيُسْرَ وَلَا يُرِيْدُ بِكُمُ الْعُسْرَ وَلِتُكْمِلُوا الْعِدَّةَ وَلِتُكَبِّرُوا اللهَ عَلٰى مَا هَدَاكُمْ وَلَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ○ (سوره بقره پاره٢)

مهينو رمضان جو آهي جنهن ۾ قرآن لاٿو ويو قرآن هدايت آهي ماڻهن جي لاءِ ۽ ان ۾ چٽا دليل آهن. هدايت ۽ حق باطل جي وچ ۾ جدائي ڪرڻ جا. پوءِ جيڪو اوهان مان انهيءَ مهيني ۾ پنهنجي گهر حاضر هجي ان ۾ روزو رکي . ۽ جيڪو بيمار هجي يا سفر تي هجي تنهن کي ٻين ڏينهن مان اوترو ڳاڻاٽو ڪرڻ لازم آهي. الله تعاليٰ اوهان تي آساني ڪرڻ گهري ٿو ۽ اوهان لاءِ ڏکيائي نه ٿو گهري. الله گهري ٿو ته اوهين ڳاڻاٽو پورو ڪيو. ۽ تان ته الله جي وڏائي بيان ڪيو هن ڳالهه لاءِ جو توهان کي هدايت ڪيائين ۽ تان ته اوهان شڪر ادا ڪريو.

برڪات وفضائل رمضان شريف

جهڙي طرح سڀني مذهبن ۾ اسلام، انبياءِ ڪرام

عليهم السلام ۾ حضرت محمد مصطفيٰ عليه الف التحية والثناء، سيني امتن ۾ امت محمديه عليٰ صاحبها الصلواة والسلام ۽ هفتي جي جملي ڏينهن ۾ جمعه جو ڏينهن افضل آهي اهڙي طرح ٻارهن مهينن ۾ رمضان شريف جو مهينو سيني مهينن جو سردار ۽ افضل آهي ۽ هيءُ اهو مقدس مهينو آهي، جنهن ۾ آسماني ڪتابن جو سردار قرآن شريف نازل ٿيو، جيڪو بني نوع انسان لاءِ سرچشمه هدايت ،حق ۽ باطل ۾ فرق ظاهر ڪندڙ بابرڪت ڪتاب آهي . قال الله تعاليٰ

شَهْرُ رَمَضَانَ الَّذِيْ اُنْزِلَ فِيْهِ الْقُرْآنُ هُدًي لِّلنَّاسِ وَبَيِّنَاتٍ مِّنَ الْهُديٰ وَالْفُرْقَانِ.

۽ هن ئي مهيني ۾ سڄي سال جي راتين کان افضل رات ليلة القدر آهي، جنهن جو شان هزار مهينن جي راتين کان به وڌيڪ آهي .

۽ هي اهو پيارو مهينو آهي جنهن لاءِ رجب جي مهيني کان وٺي نبي ڪريم رؤف الرحيم صلي الله عليه وسلم هيءَ دعا گهرندا هئا:

قَالَ كَانَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّي اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ اِذَا دَخَلَ رَجَبُ قَالَ اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِيْ رَجَبُ وَ شُعْبَانِ وَبَلِّغْنَا رَمَضَانَ . (مشڪواة صفحه ١٢١)

(يعني: ياالله تون اسان کي رجب ۽ شعبان ۾ برڪت ڏي ۽ اسان تائين رمضان مهينو پهچاءِ)

رمضان شريف ۾ شيطان قيد ڪيا وڃن ٿا

حديث ع١ : عَنْ اَبِيْ | حضرت ابو هريرة رضي الله

هُرَيْرَةَ عَنْ رَسُــوْلِ اللّٰهِ صَلَّي اللّٰهُ عَلَيْــهِ وَسَلَّمَ قَـالَ اِذَا كَـانَتْ اَوَّلُ لَيْلَةٍ مِّنْ رَّمَـضَـانَ صُـفِّـدَتِ الشَّيَـاطِيْنُ وَمَـرَدَةُ الْجِنِّ وَغُلِّقَتْ اَبْوَابُ النَّارِ فَلَمْ يُفْتَحْ مِنْهَا بَابٌ وَفُتِحَتْ اَبْوَابُ الْجَنَّةِ فَلَمْ يُغْلَقْ مِنْهَا بَابٌ وَنَادِيْ مُنَادٍ يَا بَاغِيَ الْخَيْرِ اَقْبِلْ وَيَا بَاغِيَ الشَّرِّ اَقْصِرْ وَلِلّٰهِ عُـتَـقَـاءُ وَذَالِکَ فِيْ كُـلِّ لَـيْلَةٍ. (سنن ابن ماجہ صفحہ ١١٨)

عنه فرمائي ٿو تہ رسول الله صلي الله جن فرمايو تہ جڏهن رمضان جي پهـرين رات اچي ٿـي تـہ شـيطان ۽ سـرڪش جن جڪـڙيا وڃن ٿـا ۽ دوزخ جا دروازا بند ڪيـا وڃن ٿـا ۽ ڪوبہ دروازو انهن مـان نـہ ٿـو کـوليـو وڃي ۽ جنت جا دروازا کـوليـا وڃن ٿـا پوءِ انهن مـان ڪو بہ بند نٿـو ڪيـو وڃي. ۽ هڪ پڪاريندڙ (الله جي طرفان) اعلان ٿـو ڪري تہ اي ڀلائي ۽ نيـڪي جا طالب اڳتي وڌ (نيڪ عمل ڪر) ۽ اي برائي ۽ گناهن جو ارادو ڪـنـدڙ بـنـد ره (گـنـاه کـان ۽ الله ڏي رجوع ڪر) ۽ الله جي طرفـان ڪيـترائي ٻانهـا آزاد ڪيا وڃن ٿا (دوزخ کان) ۽ هر رات ائين ٿيندو رهي ٿو.

تشــريح: هن حديث شريف ۾ رمضان شريف جي فضيلت بيان ڪئي وئي آهي تہ رمضان شريف جي اچڻ سان ئي شيطان ۽ سرڪش جن زنجيرن ۾ جڪڙيا وڃن ٿا . جهنم جا دروازا بند ڪيـا وڃن ٿـا ۽ جنت جا دروازا کـوليـا وڃن ٿـا ۽ رمـضـان شـريف جي هر رات انسـانـن ڪي الله تعـالـيٰ جي طرفـان

سان الله تعاليٰ جي طرفان زنجيرن ۾ جڪڙيا وڃن ٿا، تان تہ ٻين مهينن وانگر روزيدارن کي گمراه نہ ڪري سگهن . ۽ مسلمان روزا ۽ تراويح ،تلاوت قرآن،۽ ذڪر الاهي ۾ مشغول رهن .

رمضان شريف جي اچڻ سان جهنم جا دروازا بند ڪيا وڃن ٿا ۽ جنت جا دروازا کوليا وڃن ٿا . دروازن کلڻ ۽ بند ٿيڻ مان ظاهري ۽ حقيقي معنيٰ مراد آهي، يعني جيڪڏهن رمضان ۾ ڪو نيڪ مومن فوت ٿئي ٿو ان کي جنت ملي ٿي ۽ ان لاءِ جهنم جا دروازا بند آهن. ۽ جنت جي دروازن کلڻ ڪري مومن جا نيڪ عمل بنا رڪاوٽ جي مٿي ڪنيا وڃن ٿا، يا جنت جي دروازن کلڻ مان اهي نيڪ عمل مراد آهن، جيڪي جنت جي دروازن کلڻ ۽ داخل ٿيڻ جو سبب ٿيندا، جيئن روزا ، تراويح، تلاوت قرآن، ذڪر ۽ رمضان شريف ۾ اهي عمل ٻين مهينن جي اعتبار سان زياده ڪيا وڃن ٿا . اهڙي طرح جهنم جي دروازن بند ٿيڻ مان انهن عملن جو ڇڏڻ مراد آهي،جيڪي جهنم ۾ داخل ٿيڻ جو سبب ٿين ٿا ۽ واقعي هن مهيني ۾ گناهن، برائين ۽ بيحيائين کان ڪافي پاسو ڪيو وڃي ٿو.

يا ابواب جنت مان مراد آهي تہ الله تعاليٰ جي رحمت جا دروازا هن مهيني ۾ هميشہ ڪليل رهن ٿا ۽ هر وقت الله جي رحمت مومنن تي نازل ٿيندي رهي ٿي.

قبوليت جي پڪار ٽيندي رهي ٿي . انهيءَ سان گڏو گڏ هن حديث ۾ روزيدار مومن لاءِ بي انتها بشارت ۽ خوشخبري پڻ آهي. جو ته شيطان ۽ سرڪش جن سمورو سال انسانن کي گمراه ۽ گناهن ۾ مبتلا ڪندا رهندا آهن. پر هن مهيني اڄڻ گنهگار، بدڪار ۽ بي عمل آهن ، پر الله جي بي پايان وسيع رحمت جوش ۾ اچي ڪري اڄ توکي پڪاري رهي آهي ته اي مسلمان! جيڪڏهن توکي ڪا ثواب ۽ ڀلائيءَ جي تانگهه طلب آهي ته اڄ وقت اٿئي الله ڏي موٽ ، نيڪ عمل ڪر ۽ برائين بڇڙاين کان بچ ، الله جي رحمت ۽ بخشش جا دروازا اٿئي پهر تو لاءِ کليل آهن ۽ هي بي ڪيف نداهر رات اچي رهي آهي ته

هَلْ مِنْ مُّسْتَغْفِرٍ يُّغْفَرُلَهٗ هَلْ مِنْ تَائِبٍ يُتَابُ عَلَيْهِ هَلْ مِنْ سَائِلٍ فَيُعْطِيْ هَلْ مِنْ دَاعٍ فَيُسْتَجَابُ لَهٗ (ڪنز العمال صفحه نمبر ۴۷۰ جا. ۸)

آهي ڪو گناهن جي معافي گهرندڙ؟ جو ان کي بخشيو وڃي. آهي ڪو توبه ڪندڙ؟ ته ان جي توبه قبول ڪئي وڃي آهي ڪو سوال ڪندڙ جو ان کي ڏنو وڃي . آهي ڪو دعاگهرندڙ؟ جو ان جي دعا قبول ڪئي وڃي.

منهنجا ڀاءُ برابر رمضان کان پوءِ به تون ٻارهن مهينن ۾ توبه، عبادت ۽ نيڪ عمل ڪري سگهين ٿو ، پر ان ۾ هي بخشش، بي حساب رحمت ۽ قبوليت نه هوندي.

سوال : بعض دين اسلام کان ناواقف بي خبر ماڻهو

هي سوال ڪندا آهن تہ جيڪڏهن واقعي رمضان شريف ۾ گمراہ ڪندڙ شيطان زنجيرن ۾ جڪڙيا وڃن ٿا تہ پوءِ هن مهيني ۾ گناهن جاڪم نہ ٿيڻ گهرجن ها حالانڪ رمضان شريف ۾ ڪافي گناہ ٿيندا رهن ٿا؟

جواب نمبر ١ : هن حديث شريف ۾ شيطانن جي جڪڙجڻ جو ذڪر آهي ۽ واقعي شيطان انسانن کي گمراہ ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪن ٿا مگر هي تہ ڪنهن بہ حديث نبوي مان ثابت نہ آهي تہ هر اغوا ۽گمراهي جو سبب صرف شيطان ئي آهن ۽ جڏهن اها ڳالهہ ڪنهن بہ معتبر دليل مان ثابت نہ آهي تہ پوءِ هي سوال ڪرڻ ڪيئن درست ٿيندو تہ جڏهن شيطان جڪڙيل آهن تہ گناہ ڇوٿا ٿين؟ بلڪہ حقيقت هي آهي تہ گناہ ڪرڻ جا مختلف اسباب آهن. شيطان ، سرڪش جن، شيطان انساني، ”يعني بي دين گمراہ ڪندڙ انسان“ نفوس خبيثہ” خراب طبيعتون“ ۽ بريون عادتون،هي سڀ انسان جي گنهگار ۽ گمراہ ڪرڻ جا اسباب آهن. رمضان شريف ۾ تہ فقط شيطان قيد ڪيا وڃن ٿا ۽ انهن جي قيد ٿين ڪري واقعي رمضان شريف ۾ گناهن براين ۽ بڇڙاين ۾ ڪافي ڪمي ٿي اچي وڃي. باقي جيئن تہ انساني شيطان ، خراب طبيعتون ۽ بريون عادتون موجود آهن تنهنڪري ڪجهہ گناہ بہ ٿين ٿا.

علمي نڪتہ : ان ڪان سواءِ جيڪڏهن هر گمراهي لاءِ شيطاني وسوسہ ۽ فريب کي لازمي چيو ويندو تہ پوءِ هر

شيطان جي گمراهي لاءِ بہ ٻئي شيطان کي سبب تسليم ڪرڻو پوندو ۽ ائين ڪرڻ سان تسلسل الیٰ مالا نهاية له لازم ايندو، جيڪو متفقہ طور محال آهي لهذا هي ڳالهہ مڃڻي پوندي تہ هر گمراهي جو سبب فقط شيطان ناهن بلڪ نفس انسان ۽ برين عادتن جو بہ ان ۾ وڏو دخل آهي ، خود شيطان جي گمراهي بہ نفس جي ڪري ٿي.

جواب نمبر ٢: شيطانن جو جڪڙجڻ گمراہ ۽ گناهن ۾ مبتلا نہ ڪرڻ فقط انهن روزيدارن لاءِ آهي ، جيڪي پوري طرح روزي جي ادبن ۽ شرطن جي رعايت ڪندا. مثلا روزي ۾ ڪوڙ، گلا ۽ هر قسم جي گناهن کان بچندا؛ فقط کائڻ پيئڻ کان بند رهڻ وارو روزو نہ رکندا بلڪ انهن جي هٿن، پيرن، اکين ۽ زبان وغيره هر هڪ عضوي کي روزو هوندو يعني هر طرح جي خدائي نافرماني کان هر عضوو محفوظ هوندو. اَللّٰهُمَّ اجۡعَلۡنَا مِنۡهُمۡ. (حواشي نسائي شريف صفحہ ٢٩٩)

سوال: ندا يعني سڏ ڪرڻ مان مقصد ٻڌائڻ هوندو آهي،۽ هي ندا جنهن جو هن حديث شريف ۾ ذڪر آهي، ڪو بہ نہ ٿو ٻڌي ، پوءِ ان پڪار ۽ سڏ مان ڪهڙو فائدو؟

جواب: ڪنهن بہ سڏ مان آواز پهچائڻ مقصود نہ هوندو آهي، بلڪ ڪا ڳالہ سمجهائڻ ۽ ذهن نشين ڪرائڻ مقصود هوندو آهي. ۽ هن ندا مان بہ اهو فائدو حاصل آهي جو تہ اها ندا مخبر صادق صلي الله عليه وسلم اسان تائين پهچائي ۽

سمجهائي آهي. شايد انهيءَ ندا جو ئي هي اثر آهي جو رمضان شريف ۾ گهڻا بي نمازي به روزي ۽ نماز جي پابندي ڪن ٿا. حالانڪ روزو ته نماز ڪان به ڏکيو هوندو آهي. روزي ۾ اڃ بک جي تڪليف ۽ بدني ڪمزوري پيدا ٿيڻ جي باوجود گهڻا ماڻهو رات جو ڪافي حصو ذڪر، مراقبه، تلاوت قرآن ۽ نفلن پڙهڻ ۾ گذاريندا آهن. (حاشيه السندي علي النسائي صفحه ٣٠٠)

روزو ڍال (بچاءُ) آهي

حديث نمبر ٢: عَنْ عَائِشَةَ عَنِ النَّبِيِّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ الصِّيَامُ جُنَّةٌ مِنَ النَّارِ فَمَنْ أَصْبَحَ صَائِمًا فَلَا يَجْهَلْ يَوْمَئِذٍ وَإِنِ امْرُؤٌ جَهِلَ عَلَيْهِ فَلَا يَشْتِمْهُ وَلَا يَسُبُّهُ وَلْيَقُلْ إِنِّي صَائِمٌ وَالَّذِي نَفْسُ مُحَمَّدٍ بِيَدِهِ لَخُلُوفُ فَمِ الصَّائِمِ أَطْيَبُ

حضرت عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي ته نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته روزو جهنم جي باه کان ڍال آهي، پوءِ جيڪو روزو رکي ته ان ڏينهن جاهلن وارا ڪم نه ڪري (بيهوده ڪلام ۽ گاريون وغيره نه ڏي) . پوءِ جيڪڏهن ڪو شخص هن تي جهالت ڪري (روزيدار کي گار وغيره ڏي) پوءِ به روزيدار ان کي گار وغيره نه ڏي ۽ چوي ته مان روزيدار آهيان (مونکي وڙهڻ مناسب نه آهي) قسم آهي ان ذات جو جنهن جي دست قدرت

عِنْدَ اللهِ مِنْ رِيْحِ الْمِسْكِ. سنن نسائي صفحه ٣١٢.

۾ محمد صلي الله عليه وسلم جي جان آهي ته روزيدار جي وات جي بوءِ الله تعالى لاءِ وٽ مشڪ کان وڌيڪ پسند آهي.

تشريح: هن حديث شريف ۾ روزي کي ڍال ۽ روزيدار کي مُجاهد سان تشبيه ڏني وئي آهي جيئن حضرت عثمان ابن ابي العاص رضي الله عنه جي روايت ۾ صراحه سان پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وسلم جا هي لفظ موجود آهن: اَلصَّوْمُ جُنَّةٌ كَجُنَّةِ اَحَدِكُمْ مِنَ الْقِتَالِ. يعني جهڙيءَ طرح ڍال مُجاهد جي بچاءَ لاءِ اوزار آهي . اهڙي طرح روزيدار لاءِ به روزو ڍال آهي، جو دنيا ۾ گناهن جي ڪمن کان بچائي ٿو نفس جي سرڪشي ۽ خواهشات گهٽ ٿين ٿا ۽ آخرت ۾ جهنم جي باه کان بچاءَ جو سبب بڻبو. ليڪن هي ياد رهڻ گهرجي ته روزو گناهن توڙي جهنم جي باه کان ڍال ۽ بچاءَ جو ذريعو تڏهن ٿيندو جڏهن روزي جا پورا حق ادا ڪيا ويندا. يعني اهي ڪم ڪيا ويندا جن سان الله ۽ ان جو رسول راضي ٿين ۽ انهن گناهن کان دور رهبو ، جيڪي انهن جي ناراضپي جو سبب ٿين .جيئن گلا ڪوڙ ، ٺڳي ۽ گار گند کان پاسو ڪبو ، پر جيڪڏهن پنهنجي اڳوڻي روش ۾ تبديلي نه آئي ۽ رمضان ۾ روزن رکڻ جي باوجود غلط ڪارين کان باز نه آيو ته روزو ان روزيدار لاءِ ڍال ثابت نه ٿيندو . جهڙي

طرح حضرت ابو عبيده رضي الله ڪان مروي آهي ته مون رسول خدا صلي الله عليه وسلم ڪان ٻڌو ته پاڻ فرمايائون ته: الصوم جنة مالم يخرقها يعني روزو ڍال آهي ، جيستائين روزيدار ان کي نه ڦاڙي ۽ ڦاڙڻ مان مراد گلا آهي. (حاشيه سنن نسائي صفحه ۳۱۱)

لايجهل (جاهل نه ٿئي) جهل مان مراد غير ضروري ڪم ۽ بي فائده ڪلام مراد آهي، يعني جڏهن روزيدار روزو رکي ته ان کي گهرجي ته جاهل ماڻهن وانگر بنا ضرورت بلند آواز سان به نه ڳالهائي ۽ آهستي به اهڙو ڪم يا ڪلام نه ڪري جنهن ۾ ڪا مصلحت يا حڪمت نه هجي ، نه فقط ايترو پر جيڪڏهن روزيدار سان ڪو ماڻهو نا مناسب ڪلام ڪري ٿو مثلا گار ڏئي ٿو يا ان سان وڙهيتو ته به روزيدار کي معذرت ڪري جند ڇڏائڻ گهرجي ۽ ان کي چئي ته مان روزيدار آهيان ۽ مونکي روزي ۾ گهٽ وڌ ڳالهائڻ جائز نه آهي ۽ منهنجي خاموشي جي صورت ۾ تنهنجو ڳالهائڻ به خلاف مروت آهي ، مهرباني ڪري تون به خاموشي اختيار ڪر.

بعض محدثين جي چوڻ موجب زبان سان ڪجهه به چوڻ جي ضرورت نه آهي، صرف پنهنجي دل ۾ هي خيال ڪري ته مون کي روزو آهي ۽ روزي جي حالت ۾ گار گند ڏيڻ ۽ وڙهڻ مون کي مناسب نه آهي .

آخر حديث ۾ پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن الله

تعالیٰ جو قسم کڻي فرمايو تہ روزيدار جي وات جي بوءِ الله وٽ مشڪ کان وڌيڪ بهتر ۽ پسنديده آهي.

روزيدار سڃاتا ويندا

حديث نمبر ۳ : عَنْ اَنَسٍ مَرْفُوْعًا يَخْرُجُ الصَّائِمُوْنَ مِنْ قُبُوْرِهِمْ يُعْرَفُوْنَ بِرِيْحِ اَفْوَاهِهِمْ، اَفْوَاهُهُمْ اَطْيَبُ عِنْدَ اللهِ مِنْ رِّيْحِ الْمِسْكِ (ارشاد الساري صفحہ ۳۴۶ جلد ثالث)

"جڏهن روزيدار محشر جي حاضري لاءِ قبرن مان اٿندا تہ وات جي خوشبوءِ جي ذريعي سڃاتا ويندا تہ اهي روزيدار آهن. روزيدارن جي وات جي بوءِ الله تعالیٰ وٽ مشڪ کان وڌيڪ خوشبودار آهي.

روزيدار لاءِ جنت کي سينگاريو وڃي ٿو

حديث نمبر ۴: اِنَّ الْجَنَّةَ لَتُزَيَّنُ مِنَ الْحَوْلِ اِلَي الْحَوْلِ لِشَهْرِ رَمَضَانَ وَاِنَّ حُوْرَ الْعِيْنَ لَتُزَيَّنُ مِنَ الْحَوْلِ اِلَي الْحَوْلِ لِصُوَّامِ رَمَضَانَ فَاِذَا دَخَلَ رَمَضَانُ قَالَتِ الْجَنَّةُ اَللّٰهُمَّ اجْعَلْ

تحقيق جنت کي هڪ سال (جي شروع) کان پٺي يعني ايندڙ سال جي رمضان مهيني لاءِ سينگاريو وڃي ٿو ۽ تحقيق جنت جي حورن کي هڪ سال (جي شروع يعني شوال) کان پٺي سال تائين روزيدارن لاءِ سينگاريو وڃي ٿو پوءِ جڏهن رمضان شريف اچي ٿو تہ جنت

لِيْ فِيْ هٰذَا الشَّهْرِ مِنْ
عِبَادِكَ وَيَقُلْنَ الْحُوْرُ
الْعِيْنُ ، اَللّٰهُمَّ اجْعَلْ لَنَا
فِيْ هٰذَا الشَّهْرِ مِنْ
عِبَادِكَ اَزْوَاجًا فَمَنْ لَّمْ
يَقْذِفْ فِيْهِ مُسْلِمًا
بِبُهْتَانٍ وَّلَمْ يَشْرِبْ فِيْهِ
مُسْكِرًا كَفَّرَ اللّٰهُ عَنْهُ
ذُنُوْبَهٗ وَمَنْ قَذَفَ فِيْهِ
مُسْلِمًا اَوْ شَرِبَ فِيْهِ
مُسْكِرًا اَحْبَطَ اللّٰهُ عَمَلَهٗ
لِسَنَةٍ فَاتَّقُوْا شَهْرَ
رَمَضَانَ فَاِنَّهٗ شَهْرُ اللّٰهِ
جَعَلَ لَكُمْ اَحَدَ عَشَرَ
شَهْرًا تَاْكُلُوْنَ فِيْهِنَّ
وَتَشْرَبُوْنَ وَتَلَذَّذُوْنَ
وَجَعَلَ لِنَفْسِهٖ شَهْرًا
فَاتَّقُوْا شَهْرَ رَمَضَانَ فَاِنَّهٗ

دعا گهري ٿي ته يا الله هن
مهني جي عزت ڪندڙ پنهنجا
ٻانهان مون کي ڏي يعني مون ۾
رهاءِ ۽ جنت جون حورون دعا
گهرن ٿيون ته يا الله اسان کي
پنهنجا اهي ٻانها خاوند ڪري
ڏي ، جيڪي هن مهيني جي
عزت ڪن ٿا، پوءِ جيڪو
شخص هن مهيني ۾ ڪنهن ٻئي
مسلمان ڀاءُ تي ڪو بهتان به
نه ٿو مڙهي ۽ نشي واري ڪا به
شيءِ نه ٿو واپرائي ته الله تعاليٰ
ان جا گناه ميٽي ڇڏي ٿو، پر
جنهن شخص هن مهيني ۾
ڪنهن مسلمان تي ڪو ڙوبهتان
مڙهيو يا نشي واري شيءِ
استعمال ڪئي ته الله هن جا
هڪ سال جا نيڪ عمل ميٽي ٿو
ڇڏي يعني اهي عمل هن روزي
جي عوض هن کان ورتا
ويندا تنهن ڪري رمضان
مهيني ۾ الله تعاليٰ کان
ڊڄو ۽ گناهن کان بچو ڇو
ته هي مهينو خاص الله تعاليٰ جو
آهي. الله تعاليٰ توهان کي ٻارهن
مهينا ڏنا آهن، جن ۾ اوهان

شَهرُ اللهِ تَبَارَکَ وَتَعَالٰي "عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ" (ڪنز العمال صفحہ ٤٧٦ جلد ثامن)

کائو پيئو، ۽ لذت حاصل ڪيو ٿا ۽ هڪ مهينو پنهنجي ذات لاءِ خاص ڪيائين. تنهن ڪري رمضان مهيني ۾ الله تعاليٰ کان ڊڄو ۽ برائين کان بچو، ڇو تہ هي خاص الله تعاليٰ جو مهينو آهي.

نصيحت: اي عزيز مسلمان! تون ڪيڏو نہ خوش قسمت آهين، جو روزي رکڻ سان هڪ اسلامي فرض کان سبڪدوش ٿيڻ کان سواءِ الله تعاليٰ توکي بي انتها اجر ۽ ثواب بہ عطا فرمائي ٿو ۽ تنهنجا گناہ بہ معاف ڪري ٿو. سمورو سال تنهنجي لاءِ جنت کي سينگاريو وڃي ٿو، جنت تنهنجي لاءِ مشتاق آهي، ۽ بهشتي حورون تنهنجي لاءِ تمنا ڪن ٿيون ۽ بارگاہ ايزدي ۾ دعا گهرن ٿيون تہ يا الله! پنهنجا روزيدار پاڻهان اسان کي خاوند ڪري عطا ڪر.

افسوس: جو اينترين مهربانين ۽ نوازشن هوندي بہ اسان مسلمانن کي هن پلاري مهيني جو پورو قدر ناهي ۽ اسان جا ڪيترائي مسلمان پائر رمضان شريف ۾ ڊورن وانگر کائيندا پيئندا وتن ٿا. ڪي وري روزا بہ رکن ٿا پر ان جي ادبن ۽ شرطن جي پوري پوءِ واري نہ ٿا ڪن، ڪوڙ، گلا، چغلخوري ۽ گار گند کان پاسو نہ ٿا ڪن، حالانڪ اهي اهڙا عمل آهن جو سالن جي ڪئي ڪمائي، محنت ۽ نيڪي کي برباد ڪن ٿا. جيئن هن ئي حديث شريف جي اندر نبي پاڪ صاحب لولاڪ باعث ڪائنات عليه افضل الصلوات واڪمل التحيات ارشاد فرمايو

آهي ته جنهن رمضان جي مهيني ۾ ڪنهن ٻئي مسلمان تي ڪو بهتان مڙهيو يا نشي واري شيءِ استعمال ڪئي ته ان جا هڪ سال جا عمل ميٽيا ويندا.

اي مسلمان! جڏهن تون روزا به رکين ٿو ته پوءِ ان جي آداب ۽ شرائط جو پورو پورو خيال ڇو نه ٿو رکين؟ ياد رک ته روزي جو مقصد فقط کائڻ پيئڻ کان رکجڻ نه آهي، بلڪ اصل مقصد هي آهي ته تزکيه نفس، تصفيه قلب حاصل ٿئي؛ نفساني، شهواني قوتون ڪمزور ٿين ۽ دل ۾ خوف خدا پيدا ٿئي. جيئن حضرت علامه بيضاوي رحمه الله فرمايو آهي:

لَيْسَ الْمَقْصُوْدُ مِنْ مَشْرُوْعِيَّةِ الصَّوْمِ نَفْسَ الْجُوْعِ وَالْعَطْشِ بَلْ مَا يَتَّبِعُهُ مِنْ كَسْرِ الشَّهَوَاتِ وَاِطْفَاءِ نَائِرَةِ الْغَضَبِ وَتَطْوِيْعِ النَّفْسِ الْاَمَّارَةِ فَاِذَا لَمْ يَحْصُلْ لَهٗ شَيْءٌ مِنْ ذَالِكَ لَمْ يُبَالِ اللّٰهُ بِصَوْمِهٖ وَلَا يَقْبَلُهٗ. - التعليق المحمود علي سنن ابي دائود صفحه ٣٢٢ جلد اول.

روزي مان مقصد اڃ ۽ بک نه آهي بلڪ روزي جو مقصد آهي ناجائز خواهشات يعني سڌن جو ختم ٿيڻ، ڪاوڙ واري باهه جو وسامڻ ۽ سرڪش نفس جو فرمانبردار ٿيڻ، جيڪي روزي رکڻ سان سان ئي حاصل ٿين ٿا. پوءِ جيڪڏهن روزيدار کي انهن مان ڪجهه به حاصل نه ٿيو ته الله تعاليٰ کي هن جي روزي جي ڪا پرواهه نه آهي ۽ الله تعاليٰ هن جي روزي کي قبول نه ٿو ڪري.

روزي جو بي حساب ثواب

حديث٥: عَنْ اَبِيْ اُمَامَةَ قَالَ اَتَيْتُ رَسُوْلَ اللهِ صَلَّي اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَقُلْتُ مُرْنِيْ بِاَمْرٍ آخُذْهُ عَنْکَ قَالَ عَلَيْکَ بِالصَّوْمِ فَاِنَّهٗ لَا مِثْلَ لَهٗ (سنن نسائي صفحو نمبر ٣١١ جلداول)

حضرت ابو امامه رضي الله عنه کان روايت آهي ته مان رسول خدا صلي الله عليه وسلم جي خدمت آيس ۽ عرض ڪيم ته مونکي ڪنهن عمل جو حڪم ڪيو، مان توهان کان حاصل ڪيان (۽ان تي عمل ڪيان) جواب ۾ حضور اڪرم صلي الله وسلم جن فرمايو ته روزي کي لازم ڪري وٺ ڇو ته روزي جي مٽ ڪو ٻه عمل ڪونه آهي.

تشريح: هن حديث شريف ۾ روزي کي بي مثل چيو ويو آهي ، جنهن مان ٻه مرادون ٿي سگهن ٿيون. هڪ هي ته روزو نفس اماره ۽ شيطان جي مڪر ۽ وسوسن جي دور ڪرڻ ۽ ناجائز خواهشات يعني سڌن جي ختم ڪرڻ ۾ بي مثل آهي. ٻي مراد هي ٿي سگهي ٿي ته اجر ۽ ثواب ۾ ٻيو ڪو ٻه عمل روزي جي برابر ٿي نه ٿو سگهي. (حاشيه الامام السندي علي سنن نسائي صفحه ٣١١)

نصيحت: اي مسلمان! تون سيني امتن کان افضل ۽ برتر امت جو هڪ خوشنصيب فرد آهين. ياد رک ته تنهنجي انهيءَ شرف ۽ مرتبي جو دارو مدار الله تعاليٰ ۽ ان جي پياري

رسول جي اطاعت تي آهي. جيڪڏهن تون الله تعاليٰ جي پياري رسول صلي الله جو سچو امتي آهين ، تہ توکي بہ سندن فرمانن تي پوري طرح عمل ڪرڻ گهرجي، جيئن حضرت ابو امامه رضي الله عنه مٿيون فرمان ٻڌي ان تي عمل ڪيو.

فرمان رسول مقبول صلي الله عليه وسلم

جڏهن حضرت ابو امامه رضي الله عنه کي رسول خدا صلي الله عليه وسلم روزي رکڻ جو حڪم ڪيو تہ پاڻ، سندن ٻيبي صاحبہ ۽ خادم هميشہ روزو رکندا رهيا.

فَمَا رُؤِيَ اَبُوْ اُمَامَةَ وَلَا اِمْرَءتُهٗ وَلَا خَادِمُهٗ اِلَّا صِيَامًا قَالَ فَكَانَ اِذَا رُؤِيَ فِيْ دَارِهِمْ دُخَانٌ بِالنَّهَارِ قِيْلَ اعْتَرَاهُمْ ضَيْفٌ (مسند امام احمد بن حنبل صفحہ ٢٤٩ جلد خامس)

پوءِ بغير روزي جي نہ ڪڏهن حضرت ابو امامہ رضي الله عنہ نظر آيو ، نہ سندس گهر واري ۽ نہ سندس غلام، راوي فرمائي ٿو تہ پوءِ جيڪڏهن ڏينهن جو ابو امامہ جي گهر ۾ باه نظر ايندي هئي تہ چيو ويندو هو تہ اڄ هن وٽ ڪو مهمان آيو آهي.

رمضان ۾ نيڪ عمل جو ثواب:-

حديث نمبر ٦ : وَعَنْ سَلْمَانَ الْفَارِسِيِّ قَالَ خَطَبَنَا رَسُوْلُ اللهِ صَلَّي

حضرت سلمان فارسي فرمائي ٿو تہ شعبان جي آخري ڏينهن ۾ رسول الله صلي الله عليہ وسلم

اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِيْ آخِرِ
يَوْمٍ مِنْ شُعْبَانَ فَقَالَ
يَاَايُّهَا النَّاسُ قَدْ اَظَلَّكُمْ
شَهْرٌ عَظِيْمٌ شَهْرٌ مُبَارَكٌ
شَهْرٌ فِيْهِ لَيْلَةٌ خَيْرٌ مِّنْ
اَلْفِ شَهْرٍ جَعَلَ اللهُ
صِيَامَهٗ فَرِيْضَةً وَقِيَامَ لَيْلِهٖ
تَطَوُّعًا مَنْ تَقَرَّبَ
فِيْهِ بِخَصْلَةٍ مِّنَ الْخَيْرِ كَانَ
كَمَنْ اَدّٰى فَرِيْضَةً فِيْمَا
سِوَاهُ وَمَنْ اَدّٰى فَرِيْضَةً
فِيْهِ كَانَ كَمَنْ اَدّٰى
سَبْعِيْنَ فَرِيْضَةً فِيْمَا سِوَاهُ
وَهُوَ شَهْرُ الصَّبْرِ وَالصَّبْرُ
ثَوَابُهُ الْجَنَّةُ وَشَهْرُ
الْمُوَاسَاتِ وَشَهْرٌ يُزَادُ
فِيْهِ رِزْقُ الْمُؤْمِنِ مَنْ فَطَّرَ

جنھن اسان جي اڳيان خطبو بيان ڪيو. يعني وعظ ڪيائون ۽ ان ۾ فرمايائون تہ اي انسانو! توھان تي ھڪ وڏي مھيني پاڇو ڪيو آھي جيڪو برڪت وارو مھينو آھي. جنھن ۾ ھڪ اھڙي رات بہ آھي جيڪا ھزار مھينن کان وڌيڪ آھي! الله تعاليٰ ھن مھيني جا روزا فرض ڪيا آھن ۽ رات جي بيھڻ کي نفل قرار ڏنو آھي جيڪو ھن مھيني ۾ ڪنھن بہ نيڪي يعني نفلي عبادت سان الله تعاليٰ جو قرب حاصل ڪرڻ چاھيندو تہ ان کي ٻين مھينن جي فرض ادا ڪرڻ جيترو ثواب ملندو ۽ جيڪو شخص ھن مھيني ۾ فرض ادا ڪري ٿو تہ ان کي رمضان کان سواءِ ٻين مھينن جي ستر فرضن جي ادا ڪرڻ جيترو ثواب ملي ٿو . ھي صبر جو مھينو آھي ۽ صبر جو ثواب جنت آھي. ھي غمخواري ۽ ھمدردي جو مھينو آھي. ھي اھڙو مھينو آھي جنھن ۾ ايمان وارن جو رزق وڌايو وڃي ٿو .

فِيهِ صَائِمًا كَانَ لَهٗ مَغْفِرَةً
لِذُنُوْبِهٖ وَعِتْقَ رَقَبَتِهٖ مِنَ
النَّارِ وَكَانَ لَهٗ مِثْلُ اَجْرِهٖ
مِنْ غَيْرِ اَنْ يَنْتَقِصَ مِنْ
اَجْرِهٖ شَيْءٌ قُلْنَا يَا رَسُوْلَ
اللهِ لَيْسَ كُلُّنَا نَجِدُ مَا
نُفَطِّرُ بِهِ الصَّائِمَ فَقَالَ
رَسُوْلُ اللهِ صَلَّي اللهُ عَلَيْهِ
وَسَلَّمَ يُعْطِي اللهُ هٰذَا
الثَّوَابَ مَنْ فَطَّرَ صَائِمًا
عَلٰي مَذْقَةِ لَبَنٍ اَوْ تَمْرَةٍ
اَوْ شَرْبَةٍ مِنْ مَاءٍ وَمَنْ
اَشْبَعَ صَائِمًا سَقَاهُ اللهُ
مِنْ حَوْضِي شَرْبَةً لَا
يَظْمَأُ حَتّٰي يَدْخُلَ الْجَنَّةَ
وَهُوَ شَهْرٌ اَوَّلُهٗ رَحْمَةٌ
وَاَوْسَطُهٗ مَغْفِرَةٌ وَآخِرُهٗ

جيڪو هن مهيني ۾ ڪنهن
روزيدار کي روزو افطار ڪرائي
ٿو ته اهو عمل ان شخص جي
گناه بخشجڻ ۽ جهنم جي باه
کان گردن آزاد ٿيڻ جو سبب
ٿئي ٿو ۽ روزي کولائيندڙ کي به
روزي رکڻ جيترو ثواب ملي ٿو
۽ روزيدار جي ثواب مان ذرو به
گهٽايو نه ٿو وڃي . اسان عرض
ڪيو ته يارسول الله ! اسان سڀني
وٽ ته ايترو ناهي جو روزيدار
کي افطار ڪرايون . يعني ڪي
بلڪل غريب آهن جن وٽ ايترو
به ناهي جو روزائت کي روزو
کولائين، پوءِ رسول الله جن
فرمايو ته هي ثواب الله تعاليٰ ان
شخص به ڏيندو جيڪڏهن کير
جي لسي جي هڪ ڍڪ يا هڪ
کارڪ يا پاڻيءَ جي ڍڪ سان
روزو کولائيندو . جيڪو شخص
روزيدار کي ڍؤ ڪري کارائيندو
ته الله تعاليٰ ان شخص کي
منهنجي حوض مان ايترو ته ڍؤ
تي پاڻي پياريندو جو ڪڏهن به
ان کي اڃ نه لڳندي تان ته وڃي
جنت ۾ داخل ٿئي (جنت ۾ اڃ
نه هوندي) هي اهڙو مهينو آهي
جو هن جو پهريون حصو رحمت

عِتقٌ مِنَ النَّارِ وَمَنْ خَفَّفَ عَنْ مَمْلُوكِهٖ فِيهِ غَفَرَ اللهُ لَهٗ وَاَعْتَقَهٗ مِنَ النَّارِ. (مشڪواة المصابيح صفحه ١٧٣)

آهي وچ وارو حصو بخشش آهي ۽ پڇاڙي وارو جهنم جي باه کان آزادي آهي جيڪو شخص هن مهيني ۾ پنهنجي ٻانهي يعني روزيدار ٻانهي تي ڪم ۾ هلڪائي ڪندو ته الله تعاليٰ ان جا گناه بخشيندو ۽ دوزخ جي باه کان نجات ڏيندو.

تشريح: شهر يزاد فيه رزق المومن (هي اهو مهينو آهي، جنهن ۾ روزيدار مومن جو رزق وڌايو وڃي ٿو) يعني پنهنجي حيثيت ۽ پهچ موجب جيتري قدر ڪو مسلمان زياده خرچ ڪندو ته ان جي ظاهري آمدني ۾ به اوتري برڪت پوندي، اهوئي سبب آهي جو حضور پرنور شافع يوم النشورصلي الله عليه وسلم جن هن مهيني ۾ ڪشادگي سان دل کولي خرچ ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي.

رمضان ۾ خرچ ڪرڻ:-

حديث نمبر ٧: اُبْسُطُوا بِالنَّفَقَةِ فِي شَهْرِ رَمَضَانَ فَاِنَّ النَّفَقَةَ فِيهِ كَالنَّفَقَةِ فِي سَبِيْلِ اللهِ. (ڪنز العمال صفحه ٤٦٤ جلد ثامن)

(پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن فرمايو آهي ته) رمضان مهيني ۾ خرچ ڪرڻ ۾ ڪشادگي ڪيو، ڇو ته هن مهيني ۾ خرچ ڪرڻ گويا ڪه الله تعاليٰ جي راه ۾ خرچ ڪرڻ آهي.

فائدو: ياد رکڻ گهرجي تہ رمضان شريف توڙي ٻين مهينن ۾ سڀ کان بهتر خرچ ڪرڻ جي جاءِ پنهنجو گهر آهي، عام طور ڏٺو ويو آهي تہ گهڻا ماڻهو دوستن يارن لاءِ تہ ضروري ۽ غير ضروري تڪلف ڪندا آهن. مگر پنهنجي اهل وعيال جي لاءِ هميشہ تنگي ۽ بخيلي وارو برتاءُ ڪندا آهن، حالانڪ سڀني کان وڌيڪ قرب ، پيار، محبت، توڙي ڪارائڻ پيارڻ جا حقدار پنهنجي گهر جا فرد ۽ پاڙيسري آهن.

گهر ۾ خرچ ڪرڻ جو ثواب

حديث ٨: دِيْنَارٌ تُنْفِقُهٗ عَلٰي اَهْلِكَ وَدِيْنَارٌ تُنْفِقُهٗ فِيْ سَبِيْلِ اللهِ اَفْضَلُهُمَا الَّذِيْ تُنْفِقُهٗعَلٰي اَهْلِكَ (ارشادالساري شرح بخاري صفحہ ٣٤٦ جلد ثالث)

جيڪڏهن تون هڪ دينار پنهنجي گهر وارن تي خرچ ڪرين ۽ ٻيو دينار الله تعاليٰ جي واٽ ۾ خرچ ڪرين تہ انهن ۾ بهتر دنيار اهو آهي، جيڪو تون پنهنجي گهر وارن تي خرچ ڪرين ٿو.

علمي نڪتو: هن حديث کي بيان ڪري حضرت علامہ قسطلاني رحمة الله عليه ان جو سبب هي ذڪر ڪيو آهي تہ اهل عيال تي خرچ ڪرڻ فرض عين آهي ۽ جهاد ڪرڻ فرض ڪفايہ آهي ۽ فرض ڪفايہ جو مرتبو فرض عين کان گهٽ آهي. ان ڪري حديث ۾ اهل عيال تي خرچ ٿيل دينار کي الله جي واٽ ۾ جهاد ڪرڻ کان افضل فرمايو ويو آهي. (ارشاد

ساري صفحہ٣٤٦جلد ٣)

رمضان ۾ الله تعاليٰ جي ڀلائي

حديث نمبر ٩: اَتَاكُمْ شَهْرُ رَمَضَانَ شَهْرُ بَرْكَةٍ فِيْهِ خَيْرٌ يَغْشِيْكُمُ اللهُ فَيَنْزِلُ الرَّحْمَةُ وَيَحُطُّ فِيْهِ الْخَطَايَا وَيُسْتَجَابُ فِيْهِ الدُّعَآءُ يَنْظُرُ اللهُ اِلىٰ تَنَافُسِكُمْ وَيُبَاهِيْ بِكُمْ مَلآئِكَتَهٗ فَاَدُّوا اللهَ مِنْ اَنْفُسِكُمْ خَيْرًا فَاِنَّ الشَّقِيَّ مَنْ حُرِمَ فِيْهِ رَحْمَةَ اللهِ عَزَّ وَجَلَّ (ڪنز العمال صفحہ ٤٦٧

توهان وٽ برڪت وارو مهينو رمضان آيو آهي انهيءَ ۾ ايتري تہ ڀلائي آهي جو انهيءَ سان الله تعاليٰ توهان کي گهيري ٿو ڇڏي. پوءِ (روزيدارن تي) الله تعاليٰ جي رحمت نازل ٿئي ٿي ۽ هن مهيني ۾ (روزيدارن جا)گناه ميٽيا وڃن ٿا ۽ دعائون قبول ڪيون وڃن ٿيون. هن مهيني ۾ الله تعاليٰ توهان جي رشڪ ڪرڻ کي ڏسي ٿو (تہ ڪيئن نيڪ عملن ۾ هڪ ٻئي کان وڌڻ جي ڪوشش ڪيو ٿا) ۽ الله تعاليٰ ملائڪن وٽ توهان تي فخر ٿو ڪري. تنهن ڪري توهان بہ الله تعاليٰ وٽ بهتر عمل پيش ڪيو. يقينا اهو شخص بدبخت آهي، جيڪو هن مهيني ۾ الله تعاليٰ جي رحمت کان محروم رهجي ويو.

حـــديث ١٠- وَعَنْ عَـبْدِاللهِ بْنِ عَـمْـرٍو اَنَّ رَسُـــوْلَ اللهِ صَلَّي اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ الصِّيامُ وَالْقُرْآنُ يَشْفَعَانِ لِلْعَبْدِ يَقُوْلُ الصِّـيَامُ اَيْ رَبِّ اِنِّيْ مَنَعْـتُـهُ الطَّعَـامَ وَالشَّـهَـوَاتِ بِالنَّهَـارِ فَـشَـفِّـعْنِيْ فِـيْهِ وَيَقُـوْلُ الْقُـرْآنُ مَنَعْـتُـهُ النَّوْمَ بِالَّيْلِ فَشَفِّعْنِيْ فِيْهِ فَـيُشَـفَّـعَانِ مـشـكـواة المصابيح (١٧٣)

حضرت عـبدالله رضي الله عنه کـان روايت آهي تہ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن فـرمايو تہ روزو ۽ قـرآن بارگـاه الاهي ۾ روزيدار ٻانهي جي شـفـاعت ڪنـدا، روزو چونـدو تـہ اي منهنجا رب! مـون تنهنجي ٻانهي کي کـاڌي کـائڻ ۽ سـڌن پوري ڪرڻ کـان ڏينهن جو روڪيـو، پوءِ ان لاءِ منهنجي شفاعت قبول ڪر ۽ قـرآن شـريف چوندو تہ مـون رات جو هن کي (تلاوت ۽ تراويح سبب) ننڊ کان روڪيو، تـنـهـن کـري هـن جي حـق ۾ منهنجي شفاعت قبول ڪر. پوءِ الله تعـاليٰ وٽ روزيدار لاءِ ٻنهي (روزي ۽ قرآنِ) جي شفاعت قبول ڪئي ٿي وڃي.

روزيدار جا گناهہ معاف ڪيا وڃن ٿا

حـديث ١١- عَنْ اَبِـيْ هُرَيْرَةَ قَـالَ قَـالَ رَسُـوْلُ اللهِ صَلَّي اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مَنْ صَـامَ رَمَـضَـانَ

حضرت ابوهريره رضي الله عنـه فـرمـائي ٿـو تہ نبي ڪـريم صلي الله عليـه وسلم جن فـرمـايو تہ جنهن شخص ايمان يعني دل جي

اِيۡمَانًا وَّاِحۡتِسَابًا غُفِرَ لَهٗ مَا تَقَدَّمَ مِنۡ ذَنۡبِهٖ وَمَنۡ قَامَ رَمَضَانَ اِيۡمَانًا وَاِحۡتِسَابًا غُفِرَ لَهٗ مَا تَقَدَّمَ مِنۡ ذَنۡبِهٖ وَمَنۡ قَامَ لَيۡلَةَ الۡقَدۡرِ اِيۡمَانًا وَّاِحۡتِسَابًا غُفِرَ لَهٗ مَا تَقَدَّمَ مِنۡ ذَنۡبِهٖ. (متفق عليه مشكواة المصابيح صہ ١٧٣)

تصديق سان روزي کي فرض سمجهي الله تعاليٰ جي رضا ۽ ثواب جي ارادي سان رمضان ۾ روزو رکيو، ته ان جا اڳيان ڪيل گناهہ معاف ڪيا ويندا ۽ جيڪو شخص رمضان ۾ دل جي تصديق سان اللهتعاليٰ جي رضا ۽ ثواب خاطر بيٺو يعني تراويح پڙهيائين ته ان جا بہ اڳيان گناهہ معاف ڪيا ويندا ۽ جيڪو شخص دل جي تصديق سان الله تعاليٰ جي رضا ۽ ثواب جي اميد رکي قدر واري رات بيهي عبادت ڪري ٿو ته ان جا بہ اڳيان گناهہ بخشيا ويندا.

تشريح: هن حديث شريف ۾ رمضان شريف جي احترام ڪندڙ مومن، روزيدار، رات جو بيهي تراويح پڙهندڙ ۽ قدر واري رات جاڳي عبادت ڪندڙ لاءِ گناهن جي بخشش جو بيان ٿيل آهي، نہ فقط ايترو پر سنن ڪبريٰ ۾ حضرت قتيبہ بن سعيد جي روايت سان نسائي، جيڪا حديث ذکر ڪئي آهي ان ۾ تاخر جو لفظ پڻ ذکر ٿيل آهي، جنهن موجب بعد وارا گناهہ پڻ معاف ڪيا ويندا. (ارشاد الساري شرح بخاري صفحہ ٣٥٢ جلد ثالث)

ياد رکڻ کهرجي تہ ايمانا ۽ احتسابا ٻئي لفظ مفعول له يعني علة ۽ سبب تي واقع ٿيا آهن. لهذا هي انعام، اڪرام ۽ بخشش فقط انهن خوش نصيب مؤمنن جي لاءِ آهي، جيڪي خاص الله تعاليٰ جي رضا ۽ ثواب خاطر رمضان جا روزا رکن ٿا، تراويح پڙهن ٿا ۽ رات جو ٻيهي الله تعاليٰ جي عبادت ڪن ٿا. انهن جي روزي رکڻ جو سبب نہ ماڻهن جو خوف هجي نہ شرمساري جو ڊپ ۽ نہ ٻين کي ڏيکارڻ مقصد هجي ۽ نہ ٻار سمجهي لاچاري کان روزو رکيو هجي. بلڪ دل جي شوق ۽ خوشيءَ سان روزو رکيو هجي ۽ ان ۾ ڪوڙ ۽ فتني وغيره کان بہ بچيو هجي.

(ملخصا حاشيہ علامہ سيوطي وعلامه ابوالحسن سنڌي عليٰ سنن نسائي صفحہ ٢٣٨ وصفحہ ٣٠٧، جلد اول)

فائدو: حديث شريف ۾ لفظ من ذنبه اگرچہ عام آهي، مگر جمهور محدثين هن مان فقط صغيرا گناهہ مراد ورتا آهن. (ارشاد الساري صفحہ ٣٥٢ جلد ثالث)

عملن جو ثواب ڏهوڻون

حديث ع١٢: عَنْ عَبْدِاللهِ بْنِ مَسْعُوْدٍ قَالَ قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّي اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ اِنَّ اللهَ عَزَّ

حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه فرمائي ٿو تہ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو آهي تہ الله تعاليٰ انسان جي هر نيڪ عمل جو ثواب ڏهن کان وٺي ستن سون تائين وڌائي ٿو،

وَجَلَّ جَعَلَ حَسَنَةَ ابْنِ آدَمَ بِعَشْرِ اَمْثَالِهَا اِلٰي سَبْعِ مِاۃِ ضِعْفٍ اِلَّاالصَّوْمَ وَ (قَالَ اللّٰہُ) وَالصَّوْمُ لِيْ وَاَنَا اَجْزِيْ بِہٖ وَلِلصَّائِمِ فَرْحَتَانِ فَرْحَۃٌ عِنْدَ اِفْطَارِہٖ وَفَرْحَۃٌ يَوْمَ الْقِيَامَۃِ وَلَخَلُوْفُ فَمِ الصَّائِمِ اَطْيَبُ عِنْدَاللّٰہِ مِنْ رِّيْحِ الْمِسْکِ (مسند امام احمد صہ ۴۴٦ جلد اول)

مگر روزو (ان جو ثواب ستن سون کان بہ وڌيڪ ملي ٿو. ڇو تہ الله تعاليٰ فرمائي ٿو). روزو صرف منهنجي لاءِ آهي ۽ ان جو بدلو روزيدار کي مان پاڻ ڏيندس ۽ روزيدار کي ٻہ خوشيون حاصل ٿين ٿيون. هڪ خوشي روزي کولڻ وقت ۽ ٻي خوشي قيامت ڏينهن (الله تعاليٰ جي ديدار وقت) ۽ روزيدار جي وات جي بوءِ الله تعاليٰ وٽ مشڪ کان وڌيڪ خوشبودار ۽ وڻندڙ آهي.

تشريح: الله تعاليٰ انسانن جي نيڪ عملن کي ڏهن عملن جي ثواب کان وٺي وڌائيندو رهي ٿو. پوءِ جيترو عمل ۾ زياده اخلاص هوندو اوترو ان جو اجر بہ زياده ٿيندو تان تہ زياده اخلاص واري کي ٧٠٠ نيڪ عملن جو ثواب ملي ٿو. پر روزي جو اجر ستن سون تائين بہ محدود ناهي، روزي کي الله تعاليٰ پنهنجو محبوب عمل سڏي ان جو بدلو پنهنجي ذمي ڪنيو آهي، لهذا روزيدار کي الله تعاليٰ بي حساب ثواب عطا

فرمائيندو.

نسبت: روزي کي الله تعاليٰ پاڻ ڏي نسبت ڏني آهي، حالانڪ جميع اعمال صالح (نيڪ عمل) الله تعاليٰ جي لاءِ ئي آهن. محدثين ڪرام ان جا مختلف سبب ذڪر ڪيا آهن، جن مان ڪجھ هت پيش ڪجن ٿا:

هڪ هي ت مشرڪن روزي کان سواءِ هر عبادت ۾ الله تعاليٰ سان پنهنجي معبودن کي شريڪ ڪيو آهي، مثلا صدق، سجده، ذڪر وغيره، صرف روزو ئي اهو عمل ۽ عبادت آهي، جو ڪنهن ب قوم ڪنهن ب زماني ۾ پنهنجي ڪوڙن معبودن لاءِ روزو ن رکيو، ان ڪري الله تعاليٰ روزي کي خاص پنهنجو سڏيو ۽ روزيدارن جي روزي جو عيوض ب پنهنجي ذمي ڪنيو ۽ ان جو ڪو شمار ۽ اندازو ناهي ت ڪيترو زياده اجر ملندو، ڇو ت ڪو ب سخي جڏهن بذات خود اجورو ڏيڻ جو ذمو کڻندو آهي ت ان جو مطلب هي هوندو آهي ت سخي پنهنجي حيثيت موجب تمام گهڻو بدلو عطا ڪندو ۽ الله تعاليٰ جي وسيع نعمتن ۽ رحمتن جو ت ڪو اندازو ئي ناهي. بقول علام ابو الحسن سنڌي محشي سنن نسائي "انه لاحد له" الله پاڪ جي اجر جي ڪا ب حد ناهي، غيرمحدود ۽ غير محصور آهي.

ٻيو: نماز، جهاد، صدق ۽ حج وغيره ظاهري عبادتون آهن، جن ۾ رياءُ ٿي سگهي ٿو، ڇو ت هي اهڙا عمل

آهن جو ظاهر ڪرڻا پون ٿا ۽ ماڻهو نيڪ سمجهي تعظيم وغيره ڪن ٿا. جنهن ڪري نفس کي خوشي ٿئي ٿي، پر جيئن تہ روزي جو تعلق فقط خالص نيت سان آهي ۽ نيت مخفي عمل آهي، جنهن ۾ رياءُ ڪو نہ ٿو ٿي سگهي، ان ڪري الله پاڪ فرمايو تہ "الصوم لي" روزو خاص منهنجي لاءِ آهي ۽ ان ۾ نفساني لذت ۽ مزي جو ڪو دخل ناهي.

ٽيون: کائڻ پيئڻ کان بي پرواهہ هجڻ الله پاڪ جي صفت آهي ۽ روزيدار بہ جيئن تہ انهن ڳالهين کان بچي ڪري متخلق باخلاق الله (الله پاڪ جون صفتون پاڻ ۾ پيدا ڪري ٿو) ٿئي ٿو، تنهن ڪري روزيدار کي بہ الله تعاليٰ جو خصوصي قرب حاصل ٿئي ٿو، ان ڪري الله پاڪ فرمايو تہ روزو منهنجي لاءِ آهي ۽ ان جو بدلو آءٌ ڏيندس.

چوٿون: الله پاڪ پنهنجي پسنديدگي ۽ روزي جي عزت ۽ شرف کي ظاهر ڪرڻ لاءِ "الصوم لي" يعني روزو منهنجي لاءِ آهي فرمايو، جهڙي طرح قرآن پاڪ ۾ حضرت صالح عليه السلام واري ڏاچي کي الله پاڪ "ناقةالله" يعني الله جي ڏاچي فرمايو، اهڙي طرح ڪعبة الله شريف کي بيت الله م[illegible] ان ڪري چيو ويو، جيئن هن جو شرف ظاهر ٿئي، حالانڪ دنيا جون پيون بہ سڀ شيون الله پاڪ جي لاءِ ئي آهن.

پنجون: الله تعاليٰ روزي جي نسبت پاڻ ڏانهن

ڪري گوياڪ انسانن کي هي حڪم فرمايو ته اي انسان! دنيا جا سڀ ڪاروبار تنهنجا پنهنجي نفس خاطر آهن جڏهن ته روزو خاص منهنجي رضا جي لاءِ ٿي آهي. پوءِ ائين نه ٿئي متان تون پنهنجي ڪم ڪار ۾ مصروف ٿي منهنجو روزو ڇڏي ڏين.

ٻه فرحتون

هن حديث شريف ۾ روزيدار لاءِ ٻن فرحتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. انهن مان هڪ فرحت ۽ خوشي دنيا ۾ روزي کولڻ وقت حاصل ٿئي ٿي ۽ ٻي قيامت جي ڏينهن حاصل ٿيندي. روزي کولڻ وقت خوشي يا ته ان ڪري حاصل ٿئي ٿي، جو الله پاڪ جي هڪ عبادت صحيح طريقي سان ادا ڪيائين، ان ۾ ڪو ٻه اهڙو ڪم نه ڪيائين جيڪو روزي ۾ منع هجي، يا ان ڪري جو الله پاڪ هڪ نيڪ عمل ڪرڻ جي توفيق بخشي يا ان لاءِ جو ڏينهن ۾ اڃ ۽ بک جي تڪليف هئي ۽ فطرتا اها تڪليف ختم ٿيڻ تي انسان جي طبيعت ۾ خوشي ۽ لذت پيدا ٿئي ٿي ۽ قيامت ۾ خوشي يا ته روزي جي ثواب ملڻ ڪري حاصل ٿيندي يا الله تعاليٰ جو ديدار ڪري پاڻهو خوش ٿيندو. (ملخصا ارشاد الساري صفحه ٣٥٥ جلد ثالث. شرح نووي عليٰ مسلم صفحه ٣٦٣، حواشي نسائي صفحه ٣٠٨ ۽ صفحه ٣٠٩)

مشڪ کان وڌيڪ خوشبودار

مشڪ عطر يا ڪنهن به خوشبوء مان فائدو حاصل ڪرڻ کان الله تعاليٰ جي ذات، پاڪ ۽ منزه آهي. باوجود انهيءَ جي هن حديث شريف ۾ مجازا روزيدار جي وات جي بوء کي الله تعاليٰ وٽ مشڪ ۽ عطر کان وڌيڪ چيو ويو آهي. لهذا حديث شريف جو مطلب هي ٿيندو ته جهڙي طرح اوهان انسانن وٽ مشڪ نهايت پسنديده شيء آهي ۽ پسنديده خوشبودار شين کي اوهان قريب رکندا آهيو. اهڙي طرح روزيدار جي وات جي بوء کي الله تعاليٰ وٽ ان کان به زياده قرب حاصل آهي. جيڪو قرب مشڪ کي اوهان وٽ حاصل ٿئي ٿو. يا مطلب هي ٿيندو ته جهڙيءَ طرح اوهان وٽ مشڪ عطر مڪيندڙ ماڻهو زياده معزز هوندو آهي ۽ اوهان ان جي هر ڳالهه قبول ڪندا آهيو. اهڙي طرح رب پاڪ وٽ معزز ۽ قبوليت وارو ماڻهو اهو آهي. جيڪو ان جي فرمان کي مڃيندي کائڻ پيئڻ ترڪ ڪري ٿو ۽ ان جي وات ۾ بوء پيدا ٿئي ٿي ۽ اهو مرتبو الله پاڪ وٽ عطر ۽ خوشبوء مڪيندڙ کي خوشبوء دنياوي جي ڪري حاصل نه ٿو ٿئي. (حاشيه نسائي شريف صفحه ۳۰۹ وشرح نووي عليٰ مسلم صفحو ۳٦۳)

هي مرتبو روزيدار کي ان ڪري حاصل ٿئي ٿو جو جيڪو به عمل خاص الله پاڪ جي رضا خاطر ڪيو ٿو وڃي، اهو عمل ۽ ان عمل جي ڪري پيدا ٿيندڙ هر وصف الله پاڪ

وڻ نهايت پسنديده آهي، پوءِ ڪٿي دنيا ۾ ماڻهن کي ناپسند ڇو نه هجي، جيئن حديث شريف ۾ اچي ٿو ته الله پاڪ جي واٽ ۾ جهاد ڪندڙ مجاهدن جي هلڻ ڪري، جيڪو زمين مان غبار اٿي ٿو، اهو غبار جنت ۾ بهشتين کي خوشبوءِ جي صورت ۾ ڏنو ويندو ۽ قيامت جي ڏينهن شهيدن جي بدن تي لڳل رت ۾ مشڪ جهڙي وڻندڙ خوشبوءِ هوندي، اهڙي طرح روزو به جيئن ته الله پاڪ ۽ روزيدار جي وچ ۾ هڪ مخفي نيڪ عمل آهي، جنهن جي ڪنهن ٻئي کي خبر نه ٿي پوي. ان پياري عمل جي ڪري ان روزيدار جي وات جي بوءِ الله پاڪ کي مشڪ کان وڌيڪ پسند آهي. (ارشاد الساري صفحه ۳۵۵)

فائدو: حديث شريف ۾ روزن مان مراد انهن نيڪ بختن جا روزا آهن، جن جا روزا زبان توڙي بدن جي ٻين عضون جي نافرمانين ۽ گناهن کان محفوظ هجن. (زهر بي علي سنن نسائي، صفحه ۳۰۹ جلد اول)

جنت جو دروازو

حديث ع ۱۲: عَنْ اَبِيْ هُرَيْرَةَ اَنَّ رَسُوْلَ اللهِ صَلَّي اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ مَنْ اَنْفَقَ زَوْجَيْنِ فِيْ سَبِيْلِ اللهِ نُوْدِيَ مِنْ

حضرت ابو هريرة کان روايت آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم کان روايت آهي ته جنهن شخص جوڙو يعني ٻه شيون الله تعالي جي واٽ ۾ خرچ ڪيون اهو جنت جي دروازن مان سڏيو

اَبْوَابِ الْجَنَّـهِ يَا عَبْدَاللهِ هٰذَا خَيْرٌ فَمَنْ كَانَ مِنْ اَهْلِ الصَّلٰواةِ دُعِيَ مِنْ بَابِ الصَّلٰواةِ وَمَنْ كَانَ مِنْ اَهْلِ الْجِهَادِ دُعِيَ مِنْ بَابِ الْجِهَادِ وَمَنْ كَانَ مِنْ اَهْلِ الصِّيَامِ دُعِيَ مِنْ بَابِ الرَّيَّانِ وَمَنْ كَانَ مِنْ اَهْلِ الصَّدْقَةِ دُعِيَ مِنْ بَابِ الصَّدَقَةِ فَقَالَ اَبُوْبَكْرٍ بِاَبِيْ اَنْتَ وَاُمِّيْ يَا رَسُوْلَ اللهِ مَا عَلٰي مَنْ دُعِيَ مِنْ تِلْكَ الْاَبْوَابِ مِنْ ضُرُوْرَةٍ فَهَلْ يُدْعيٰ اَحَدٌ مِنْ تِلْكَ الْاَبْوَابِ كُلِّهَا قَالَ نَعَمْ وَاَرْجُوْا اَنْ تَكُوْنَ مِنْهُمْ (صحيح بخاري صہ ٢٥٤ جلد اول)

ويندو. اي خدا جا ٻانها! هي دروازو ڀلو آهي پوءِ جيڪو شخص نمازي هوندو، ان کي نماز جي دروازي کان سڏيو ويندو ۽ جيڪو شخص مجاهدن مان هوندو ان کي جهاد جي دروازي مان سڏيو ويندو ۽ جيڪو شخص روزيدارن مان هوندو ان کي ريان دروازي مان سڏيو ويندو، ۽ جيڪو شخص صدقہ ڏيندڙن مان هوندو، ان کي صدقي جي دروازي کان سڏيو ويندو. پوءِ حضرت ابو بڪر رضي الله عنه عرض ڪيو تہ يا رسول الله صلي الله عليڪ وسلم منهنجا ماءُ پيءُ توهان تان قربان ٿين. انهن دروازن مان جنهن کي سڏيو ويجي ان ۾ ڪا گهٽتائي نہ آهي، پر ڇا ڪو اهڙو بہ شخص هوندو جنهن کي انهن سيني دروازن مان سڏيو ويجي، نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن فرمايوتہ ها ۽ مون کي اميد آهي تہ تون انهن مان هوندئين.

تشريح: برابر هر مسلمان روزه، نماز، خيرات، صدقات، وغيره نيڪ عمل ڪندو رهي ٿو، مگر جيئن ته ڪنهن ۾ ڪا نيڪ وصف زياده آهي ته ڪنهن ۾ ٻي نيڪي وڌيڪ آهي، ان لحاظ سان هن حديث شريف ۾ مختلف پنجن قسمن جي عبادت گذارن لاءِ جداگانه جنت جي دروازن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، ان کان علاوه ٻين نيڪ عمل ڪندڙ مؤمن جي لاءِ به جداگانه جنت جا دروازا هوندا. جيئن باب الزڪواة، باب الحج، باب العمرة، ان ڪان سواءِ صبر ڪندڙن جي لاءِ باب الصابرين ۽ اهل الذڪر ٻانهن لاءِ باب للذڪر ۽ ڪاوڙ کائيندڙن لاءِ باب الڪاظمين الغيظ ۽ جيڪي ٻنا حساب جنت ۾ داخل ٿيندا انهن لاءِ باب الايمن هوندو. ان ڪان سواءِ ٻيا به ڪافي نالن وارا دروازا هوندا، مطلب ته جنهن ۾ جيڪا وصف زياده هوندي، ان کي ان وصف واري نالي جي دروازي ڪان سڏيو ويندو ۽ جنهن ۾ پوريءَ طرح سڀ نيڪ خصلتون موجود هونديون، اهو اگرچه داخل ته هڪ ئي دروازي مان ٿيندو، مگر ان کي تعظيم خاطر جنت جي سيني دروازن ڪان پڪاريو ويندو. پوءِ ان جي مرضي جنهن به دروازي ڪان داخل ٿئي. جيئن حضرت صديق اڪبر رضي الله عنه ۾ اهي سيئي وصفون پوري طرح موجود هيون ته نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن کيس بشارت ڏني ته تون به انهن مان هوندئين جن کي جنت جي هر دروازي ڪان سڏيو ويندو.

فائده: ياد رکڻ گهرجي تہ هن حديث ۾ لفظ "ارجو" (مون کي اميد آهي) جيئن تہ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو آهي تہ هن مان وجوب مراد آهي نہ اميد ۽ حديث جو مطلب هي ٿيندو تہ يقينا واجب ۽ لازم آهي تہ حضرت صديق اڪبر رضي الله عنه کي جنت جي سيني دروازن کان پڪاريو وڃي. (ارشاد الساري صفحہ ٣٤٩ جلد ثالث)

ريان: هن دروازي جو نالو ريان انڪري رکيو ويو جو عربي ۾ لفظ ريان، عطش يعني اڄ جو ضد آهي ۽ جيئن تہ روزيدار بہ دنيا ۾ اڄ برداشت ڪندا رهيا ۽ هن دروازي ۾ داخل ٿيڻ سان هميشہ جي لاءِ اڄ کان محفوظ ٿي ويندا انڪري هن دروازي کي باب ريان چيو ويو ۽ ٻي حديث شريف ۾ حضرت سهل رضي الله عنه نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم کان حديث روايت ڪئي آهي تہ جنت جو هڪ دروازو آهي،جنهن مان قيامت ڏينهن روزيدا داخل ٿيندا. ٻيو ڪو بہ ماڻهو ان دروازي مان داخل نہ ٿيندو ۽ اتي پڪاريو ويندو تہ روزيدار ڪاٿي آهن. اهي اٿندا ۽ ان دروازي کان داخل ٿيندا. انهن کان سواءِ ٻيو ڪو بہ داخل نہ ٿيندو. پوءِ جڏهن سڀ روزيدار داخل ٿي ويندا تہ اهو دروازو بند ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪو بہ داخل نہ ٿيندو.

ترمذي شريف ۾ حضرت سهل بن سعد رضي الله عنه حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم کان روايت ڪئي آهي تہ

فِي الْجَنَّةِ بَابٌ يُّدْعَي الرَّيَّانُ يُدْعي لَهُ الصَّائِمُوْنَ فَمَنْ كَانَ مِنَ الصَّائِمِيْنَ دَخَلَهُ وَمَنْ دَخَلَهُ لَمْ يَظْمَأ اَبَدًا (جامع ترمذي صـ٩٥ جلد اول)

بهشت ۾ هڪ دروازو آهي جنهن کي ريان چيو ٿو وڃي ان ۾ داخل ٿيڻ لاءِ روزيدارن کي سڏيو ويندو، پوءِ جيڪو روزائتن مان هوندو ان ۾ داخل ٿيندو ۽ جيڪو ان ۾ داخل ٿيو وري ان کي ڪڏهن به اڃ نه لڳندي.

”روزي جا آداب“

هن ڳالهه تي سڀني جو اتفاق آهي ته ڪو به ڪم اصول کان سواءِ پوري طرح فائدي وارو ٿي نٿو سگهي، انهيءَ ڪري هر ڪم ۾ اصول ۽ قانون جو لحاظ ضروري ڪيو ويندو آهي، اهڙي طرح روزو جنهن کي حديث شريف ۾ الصوم نصف الصبر يعني روزو صبر جو اڌ چيو ويو آهي ۽ صبر کي ايمان جو اڌ چيو ويو. الصبر نصف الايمان، ان مان معلوم ٿيو ته روزو ايمان جو چوٿون حصو آهي. لهذا اهڙي اسلامي اهم رڪن ۾ به ضرور ڪن شرطن جي رعايت ڪرڻي پوندي، ان لاءِ روزي جا مختصر آداب ۽ شرائط احياءُ العلوم مولفه امام غزالي مان پيش ڪجن ٿا. روزي جي لاءِ ٻن قسمن جا شرط آهن (١) ظاهري (٢) باطني.

ظاهري هي آهن: رمضان جي چنڊ جو ڏسڻ يا شعبان

جا ٣٠ ڏينهن ڳڻي پورا ڪري پوءِ روزا شــروع ڪرڻ، روزي جي نيت ڪرڻ، کائڻ، پيئڻ، جماع يعني همبستري کان بچڻ وغيره.

باطني شرط هي آهن: (١) پنهنجي نظر تي ڪنٽرول ڪرڻ، يعني اهڙي هر شيءِ کان پاسو ڪرڻ، جيڪا الله تعاليٰ وٽ ناپسند هجي ۽ الله تعاليٰ جي ذڪر کان غافل ڪري، جيئن حديث شريف ۾ اچي ٿو، نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم فرمايو:

اَلنَّظْرَةُ سَهْمٌ مَسْمُوْمٌ مِنْ سِهَامِ اِبْلِيْسَ لَعَنَهُ اللهُ فَمَنْ تَرَكَهَا خَوْفًا مِّنَ اللهِ آتَاهُ اللهُ عَــزَّ وَجَلَّ اِيْمَانًا يَجِدُ حَلَاوَتَهٗ فِيْ قَلْبِهٖ

نظر، شيطان لعين جي زهر آلوده تيرن مان هڪ تير آهي پوءِ جيڪو شخص الله تعاليٰ جي خوف کان انهيءَ نظر ڪرڻ کي ڇڏيندو يعني ناجائز نظر نہ ڪندو تہ الله تعاليٰ ان کي اهڙو ايماني مزو ۽ لذت چکائيندو، جيڪو روزيدار کي پنهنجي دل ۾ محسوس ٿيندو.

(٢) روزيدار پنهنجي زبان کي فحش، بيهوده ڳالهين، ڪوڙ، گلا، چغلخوري، ظلم ۽ جهيڙي وغيره کان محفوظ رکي ۽ ذڪر الاهي ۽ تلاوت ڪلام مجيد ۾ مشغول رکي.

(٣) ڪنن کي اهڙين ڳالهين جي ٻڌڻ کان بند رکي، جيڪي الله تعاليٰ وٽ ناپسند آهن، ڇو تہ جيڪا ڳالهہ زبان

سان چوڻ حرام آهي، ان جوڪئن سان ٻڌڻ به حرام آهي.

(٤) هٿ، پير ۽ ٻين عضون کي گناهن کان روڪڻ ۽ روزي کولڻ مهل شبهي وارين شين کان پيٽ کي بند رکڻ يعني بلڪل استعمال نه ڪرڻ.

(٥) روزي کولڻ کان پوءِ به دل ۾ خوف، اميد ۽ هي تردد يعني فڪر ۽ پريشاني هجي ته خبر ناهي ته منهنجو روزو قبول پوندو الائي نه، نه فقط روزو پر هر عبادت جي پوري ٿيڻ بعد اهو فڪر هجڻ گهرجي. چنانچه حضرت حسن بصري رحمة الله عليه جي متعلق روايت ۾ اچي ٿو ته (غالبا عيد ڏينهن) هڪ جاءِ تان لنگهيا، جتي ڪي ماڻهو کلي رهيا هئا، پاڻ (انهن کي) فرمايائون ته الله تعاليٰ رمضان شريف کي پنهنجي مخلوقات جي ڀڄڻ لاءِ هڪ ميدان مقرر فرمايو آهي. جيئن ان ميدان ۾ انسان الله تعاليٰ جي عبادت لاءِ هڪ ٻئي کان ڊڪي وڌڻ جي ڪوشش ڪن، پوءِ انهن مان ڪي ماڻهو ته اڳتي وڌي پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿي ويا يعني رمضان جون برڪتون ۽ الله تعاليٰ جي رضا حاصل ڪيائون ۽ ڪجهه ماڻهو پوئتي رهجي ويا ۽ انهن کي نقصان حاصل ٿيو. پوءِ گهڻو افسوس ۽ عجب آهي، انهن ماڻهن جي حال تي، جيڪي اهڙي ڏينهن به کلن ۽ راند ڪن ٿا، جنهن ڏينهن ۾ تڪڙ ڪري هلندڙ يعني رمضان ۾ گهڻي عبادت ۽ نيڪي ڪندڙ پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ۽ باطل يعني ڪوڙا

دعـويدار ۽ سـسـت مـحـروم رهجي ويا. خدا جو قـسـم تہ جيڪڏهن حقيقت حال ظاهر ڪئي وڃي ها تہ جيڪر مقبول عمل وارو ايترو خوش ٿئي جو ان کي راند روند جي يادگيري ئي نہ رهي ۽ جنهن جا عمل نامنظور ٿيا، اهو ايترو تہ غمگين ٿئي جو ان کان ڪلڻ وسري وڃي.

روزي جا ٽي قسم آهن

(١) عام روزيدار مؤمن جو روزو.

(٢) خاص نيڪ ٻانهن جو روزو.

(٣) خاص الخاص الله تعاليٰ جي پيارن ٻانهن جو روزو.

(١) عـوام جو روزو تہ فـقط هي آهي جو پيٽ ۽ شرمگاهہ کي خواهشات جي پوري ٿيڻ کان روڪيو وڃي.

(٢) ۽ خاص نيڪ مومن هن نموني روزو رکندا آهن جو اک، ڪن، زبان، هٿ ۽ پير مطلب تہ سيئي بدن جا عضوا گناهن کان پري رکندا رهن.

(٣) خاص الخاص مومن هن طرح روزا رکندا آهن جو انهن جي دل برن خيالن، دنيا جي فڪرن، کان آزاد هوندي آهي، دل ۾ الله تعاليٰ جي ذات بابرڪات کان سواءِ ٻي ڪا شيءِ نہ هوندي آهي، ايتري قدر جو ڪنهن وقت جيڪڏهن روزي ۾ ذات باري تعاليٰ ۽ آخرت کان سواءِ دل ۾ ڪنهن غير جو خيال آيو يا دل ۾ دنيا جو فڪر پيدا ٿيو تہ انهن جي

نظريي موجب اهو روزو پڇي پيو.

البت جيڪا دنيا دين جي ڪمن ۾ مددگار ٿئي اهڙي دنيا دنيا ناهي، بلڪ حقيقت ۾ اها دنيا آخرت جو توشو ۽ ثمر آهي، اهڙي دنيا سان خاص الخاص جي روزي کي به ڪو نقصان نه ٿو پهچي.

اي عزيز ڀاءُ! تون هن بي بقا دنيا جي گڏ ڪرڻ لاءِ ته سوين سختيون، سور سهندو آهين، ان لاءِ گرمي سردي اچ بڪ به برداشت ڪندو آهين، سياري جي سخت سردي ۾ به تو ڪڏهن پنهنجي پاڻي جو وارو ضايع نه ڪيو هوندو، پر افسوس جو تون آخرت جي ابدي جاگير ۽ پائدار پرامن زندگي ماڻڻ لاءِ ايتري تڪليف به برداشت نه ٿو ڪرين جو ١٣-١٤ ڪلاڪ کائڻ پيئڻ کان پيٽ کي پلي سگهين، تو ٻڌو ته الله تعاليٰ جا خاص مقرب ٻانها ڪيئن روزو رکندا آهن، جيڪڏهن اسان ۾ ايتري لياقت ۽ طاقت ناهي ته گهٽ ۾ گهٽ الاهي عذاب کان بچڻ خاطر عام مؤمن واري روزي کان ته محروم نه رهون.

روزي نه رکڻ جو پر خطر نتيجو ۽ عذاب الاهي، ان سلسلي ۾ بعد وارا چند صفحا ضرور مطالعه ڪندا.

روزي نه رکڻ جو نتيجو

حديث ١٤- عَنْ اَبِيْ هُرَيْرَةَ قَالَ قَالَ رَسُوْلُ	حضرت ابو هريره رضي الله عنه فرمائي ٿو ته رسول خدا صلي الله

اللهِ صَلّي اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مَنْ افَطَرَ يَوْمًا مِنْ رَمَضَانَ مِنْ غَيْرِ رُخْصَةٍ وَلَا مَرَضٍ لَمْ يَقْضِ عَنْهُ صَوْمُ الدَّهْرِ كُلِّهٖ وَاِنْ صَامَهٗ. ترمذي

عليه وسلم جن فرمايوآهي ته جنهن شخص رمضان شريف جو هڪ روزو شرعي اجازت (سفر وغيره) ۽ بيماري کان سواءِ نه رکيو ۽ ان جي عيوض سموري زندگي روزو (نفلي) رکي ته به پورو ٿي نه سگهندو.

تشريح: هن حديث شريف ۾ روزي نه رکندڙ جي لاءِ سخت تنبيه ڪئي ويئي آهي ته جيڪڏهن ڪو شخص رمضان شريف جو هڪ روزو نٿو رکي، بنا عذر بي پرواهي ڪري قضا ٿو ڪري ۽ پوءِ ان جي عيوض سڄي زندگي نفلي روزا رکندو رهي ٿو ته به ان شخص کي رمضان شريف جي هڪ فرضي روزي جيترو ثواب نه ملندو، هن حديث شريف جو هي مطلب ناهي ته جيڪڏهن اهو ماڻهو روزي جي قضا جي نيت سان ايترا روزا رکي ته به اهو قضا ٿيل روزو پورو ٿي نه سگهندو، بلڪ فقه حنفي موجب جنهن شخص جيترا روزا قضا ڪيا ان کي اوترا ڏينهن قضا جي نيت سان روزا رکڻ ڪافي آهن. (حاشيه مشڪواة المصابيح صفحه ٧٧)

پر جيئن ته روزي ڇڏڻ سان به ڳالهيون لازم ٿين ٿيون. (١) روزي نه رکڻ جو عيوض (٢) روزي ڇڏڻ جو گناهه.

پوءِ روزي قضا ڪرڻ سان اگرچه انسان فرضي ذميداري کان آزاد ٿئي ٿو، پر وقت تي يعني رمضان شريف ۾ روزي نه رکڻ جي ڪري مٿس جيڪو گناهه ٿيو، اهو روزي سان معاف نٿو ٿئي. ان لاءِ توبه تائب ٿيڻ شرط آهي، يا ڪٿي ائين چئجي ته ان جو مدار الله تعاليٰ جي رضا تي آهي، جي چاهي ته آخرت ۾ بخشي ڇڏي ۽ جي گهري ته ان بي پرواهي ۽ دير ڪرڻ سبب عذاب ۾ مبتلا ڪري. (معارف السنن صفحه ٣٩٢ جلد ٥)

معلوم هجڻ گهرجي ته حضرت علي رضي الله عنه ۽ حضرت ابن مسعود رضي الله عنه مذڪور حديث شريف جي ظاهر کي اختيار ڪندي فرمايو آهي:

مَنْ اَفْطَرَ يَوْمًا مِنْ رَمَضَانَ لَا يَقْضِيهِ صَوْمُ الدَّهْرِ. الزواجر عن اقتراف الكبائر صه ١٨٢ جلد اول)	جنهن شخص (بنا عذر) رمضان شريف جو هڪ روزو قضا ڪيو، پوءِ ڪٿي ساري زندگي روزو رکي ته به اهو قضا ٿي نه سگهندو.

رخصت يعني اجازت مان هن حديث شريف ۾ سفر، بيمار ٿيڻ جو خوف، پيرسن هجڻ مراد آهي. (اشعته اللمعات صفحه ٩٦ جلد دوم)

اسلام جو بنياد

ولي ڪامل عارف بالله حضرت علامه ابو العباس احمد بن محمد بن علي ابن حجر مڪي هيتمي رحمة الله عليه

ڪبيرن گناهن جي متعلق الزواجر عن اقتراف الڪبائر نالي هڪ مفصل ڪتاب لکيو آهي، جنهن ۾ پاڻ روزي نہ رکڻ کي بہ ڪبيرن گناهن ۾ شامل ڪيو اٿن ۽ ان لاءِ هيٺ ڏنل حديث شريف مان دليل پيش ڪيو اٿن تہ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن ارشاد فرمايو:

حديث ۱۵: عَنِ الْاِسْلَامِ وَقَوَاعِدُالدِّيْنِ ثَلَاثَةٌ عَلَيْهِنَّ ابْتُنِيَ الْاِسْلَامُ مَنْ تَرَكَ وَاحِدَةً مِّنْهُنَّ فَهُوَ بِهَا كَافِرٌ حَلَالُ الدَّمِ شَهَادَةُ اَنْ لَّآاِلٰـهَ اِلَّااللهُ وَالصَّلٰوةُ الْمَكْتُوْبَةُ وَصَوْمُ رَمَضَانَ (الزواجر صہ ۱۸۲ جلد اول)

اسلام جو بنياد ۽ صحن ٽي شيون آهن، جن تي اسلام جي تعمير ٽيل آهي، جنهن شخص انهن مان ڪو بہ هڪ ڇڏيو تہ اهو شخص انهيءَ جي ڪري ڪافر يعني الله تعاليٰ جو منڪر آهي ۽ ان جو رت هارڻ يعني قتل ڪرڻ جائز آهي، انهن مان هڪ لا الہ الاالله يعني مڪمل ڪلمہ طيب جي شاهدي ڏيڻ آهي ۽ (۲) فرضي نماز پڙهڻ ۽ (۳) رمضان ۾ روزو رکڻ.

۽ ٻي روايت ۾ هي لفظ آيل آهن.

مَنْ تَرَكَ مِنْهُنَّ وَاحِدَةً فَهُوَ بِاللهِ كَافِرٌ وَلَا يُقْبَلُ

جنهن شخص انهن يعني ٽن مان هڪ ڇڏيو، اهو الله تعاليٰ جو انڪار ڪندڙ آهي، پوءِ نہ ان

مِنْهُ صَرْفٌ وَلَا عَدْلٌ وَقَدْ حَلَّ دَمُهُ وَمَالُهُ (الزواجر صـ ١٨٢ جلد اول)

جو ڪو بدلو قبول ڪيو ويندو، نہ حيلو. ان جو رت هارڻ ۽ ان جو مال پين لاءِ حلال آهي.

نصيحت: اي مسلمان ڀاءُ! ڪجهہ تہ سوچ، ڇا تنهنجي مسلمان هجڻ لاءِ فقط ڪلمو شريف پڙهي مسلمان سڏائڻ ڪافي آهي، ڇا توکي نماز روزي ۽ ٻين نيڪ عملن ڪرڻ جي ڪا ضرورت ناهي؟ حالانڪ هن حديث شريف مان توکي معلوم ٿيو تہ جهڙي طرح ڪنهن مڪان يا جاءِ جي لاءِ بنياد ۽ زمين جو هجڻ ضروري آهي ۽ انهن کان سواءِ ڪا بہ جڳهہ جڳهہ رهي نہ ٿي سگهي، اهڙي طرح مسلمان هجڻ لاءِ بہ ڪلمہ طيبہ کان سواءِ نماز ۽ روزو بہ زمين ۽ بنياد جي حيثيت رکن ٿا ۽ انهن کان سواءِ مسلمان مسلمان رهي نہ ٿو سگهي، پر جيڪڏهن تون انهن ڳالهين کي ضروري سمجهين ٿو تہ اڄ دل وجان سان مهربان مولا جي اڳيان سر سجدي ۾ رکي توبہ تائب ٿي ۽ پوري شوق وذوق ۽ محبت سان الله تعاليٰ جي هن پياري مهمان رمضان جي عزت ڪر، پاڻ بہ روزار رک ۽ پنهنجي اهل وعيال ۽ پاڙيوارن کي بہ هوشيار ڪر تہ جيئن اهي بہ هن مهيني جي رحمتن ۽ برڪتن سان مالا مال ٿي، جنت جا حقدار بڻجن ۽ جهنم جي عذاب کان بچي پون.

آمين فرمايائون

حديث ١٦: عَنْ اَنَسٍ قَالَ ارْتَقَي رَسُوْلُ اللهِ صَلَّي اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ الْمِنبَرَ فَقَالَ آمِيْنَ ثُمَّ ارْتقي ثَانِيَةً فَقَالَ آمِيْنَ، ثُمَّ ارْتَقَي ثَالِثَةً فَقَالَ آمِيْنَ ثُمَّ اسْتَوي فَقَالَ آمِيْنَ فَقَالَ اَصْحَابُهٗ عَلي مَا اَمَّنْتَ يَا رَسُوْلَ اللهِ قَالَ اَتَانِيْ جِبْرِيْلُ فَقَالَ يَا مُحَمَّدُ رَغِمَ اَنْفُ امْرِءٍ ذُكِرْتَ عِنْدَهٗ فَلَمْ يُصَلِّ

حضرت انس رضي الله عنه فرمائي ٿو ته هڪ دفعي رسول الله صلي الله عليه وسلم جن منبر جي ڏاڪي تي چڙهي آمين فرمايو، وري ٻئي ڏاڪي تي چڙهي آمين فرمايائون، وري جڏهن ٽئين ڏاڪي تي قدم مبارڪ رکيائون ته به آمين فرمايائون. پوءِ جڏهن پاڻ (نصيحت ڪرڻ لاءِ) سڌا ٿي بيهي رهيا ته به آمين چيائون (نصيحت ٻڌڻ کانپوءِ اصحابن عرض ڪيو ته يا رسول الله صلي الله عليک وسلم اڄ اوهان ڪهڙي ڳالهه جي ڪري آمين چئي رهيا هئا. پاڻ (صلي الله عليه وسلم) فرمايو ته ان مهل مون وٽ جبريل (عليه السلام) آيو هو اچي عرض ڪيائين اي محمد (صلي الله عليه وسلم) ان شخص جو نڪ مٽي ۾ ٻرجي يعني خوار ۽ ذليل ٿئي جنهن جي سامهون اوهان جو بيان ڪيو وڃي، تنهن هوندي به اوهان تي صلواة سڳوري نه پڙهي، مون چيو آمين. پوءِ وري ٻئي ڏاڪي تي چڙهڻ مهل به فرمايائون ته ان شخص

عَلَيۡکَ فَقُلۡتُ آمِيۡنَ. ثُمَّ قَالَ رَغِمَ اَنۡفُ امۡرِءٍ اَدۡرَکَ وَالِدَيۡهِ اَوۡ اَحَدَهُمَا فَلَمۡ يُدۡخِلَاهُ الۡجَنَّةَ قُلۡتُ آمِيۡنَ. وَقَالَ رَغِمَ اَنۡفُ امۡرِءٍ اَدۡرَکَ شَهۡرَ رَمَضَانَ فَلَمۡ يُغۡفَرۡ لَهٗ فَقُلۡتُ آمِيۡنَ (ڪنزالعمال ص ٥٩٢ جلد ثامن)

جو نڪ مٽي ۾ پرجي يعني ذليل ٿئي، جنهن جي سامهون پيءُ ۽ ماءُ ٻئي (زنده) هجن يا انهن مان هڪڙو هجي ۽ اهي هن کي جنت ۾ داخل نہ ڪرائين (يعني هي انهن جي ايتري خدمت نہ ڪري جو والدين هن تي راضي ٿين ۽ بهشت جي داخل ٿيڻ جو سبب بڻجن)ان تي بہ مون آمين چيو. وري جڏهن جبريل (عليه السلام) چيو تہ ان شخص جو نڪ مٽي ۾ پرجي جنهن کي رمضان جو مهينو هٿ آيو ۽ پوءِ بہ نہ بخشيو وڃي يعني روزو نہ رکيائين يا روزو رکيائين، پر آداب جو لحاظ نہ ڪيائين يا گناهن کان توبہ تائب نہ ٿيو، ان تي بہ مون آمين چيو.

نصيحت: اڄ وقت اٿئي هن نعمت جو قدر ڪر نہ تہ صبحاڻي مڪين جيان هٿ ملڻ بعد بہ ڪجهہ هٿ نہ ايندئي، الله تعاليٰ جي رحمتن حاصل ڪرڻ ۽ گناهن بخشرائڻ جو هي قيمتي وقت نہ وڃاءِ، سچي دل سان گناهن کان توبہ تائب ٿي رمضان جا روزا رک ۽ نيڪ عمل ڪر، جي هن مقدس مهيني ۾ بہ رحمت الاهي کان محروم رهجي وئين تہ پوءِ ڪڏهن تون الله جي رحمت جو حقدار ٿيندئين، جي هن مهيني ۾ بہ تو

پنهنجا گناهہ نہ بخشرايا تہ ڪڏهن بخشرائيندين، هن بي پرواهي، غفلت ۽ سستي جو نتيجو تمام ڏکيو ڏسٹو پوندو.

ڪجهہ تہ سوچ ۽ فڪر ڪر تہ جنهن شخص جي ذلت خواري ۽ رحمت الاهي کان پري هجڻ جي لاءِ الله جو مقرب، نبين تي وحي آڻيندڙ فرشتو حضرت جبريل امين عليه السلام دعا گهري، ۽ رحمت للعالمين نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم آمين چئي بارگاهہ الاهي ۾ حضرت جبريل عليه السلام جي دعا قبول پوڻ لاءِ درخواست ڪري تہ پوءِ انهيءَ شخص جي ڇوٽڪاري ۽ نجات جي ڪا بہ صورت بہ آهي؟ جيڪڏهن نہ تہ پوءِ درود شريف، والدين جي ادب خدمت، ۽ رمضان شريف جي احترام ۾ سستي ۽ ڪوتاهي ڇو؟

چارئي عمل گڏ قبول پوندا

حديث ١٧: اَرْبَعَ فَرَضَهُنَّ اللهُ فِي الْاِسْلَامِ مَنْ اَتيٰ بِثَلَاثَةٍ لَّمْ يُغْنِيْنَ عَنْهُ شَيْئًا حَتيٰ يَاْتِيَ بِهِنَّ جَمِيْعًا اَلصَّلواةُ وَالزَّكَواةُ وَصَوْمُ رَمَضَانَ وَحَجُّ الْبَيْتِ (الزواجر عن اقتراف الڪبائر صہ ١٨٢)

الله تعاليٰ اسلام ۾ چار عمل فرض ڪيا آهن، جيڪڏهن ڪو شخص انهن مان ٽي عمل ڪري تہ بہ اهي هن کي ڪو فائدو نہ ڏيندا جيستائين انهن سيني تي عمل نہ ڪري. اهي هي آهن: نماز، زڪوات، رمضان جو روزو، ۽ بيت الله جو حج ڪرڻ .

نصيحت:- اي خوش نصيب مسلمان! توکي هن حديث شريف مان معلوم ٿي ويو ته نماز، روزو، حج ۽ زڪوات ڪيتري قدر نه ضروري عمل آهن، ايتري قدر جو جيڪڏهن ڪو شخص انهن مان ٿي عمل ڪري ٿو. مثلا نماز به پڙهي ٿو، روزا به رکي ٿو ۽ حج به ڪري آيو آهي، پر زڪوات نه ٿو ڏئي ته ان جا ٻهريان ٽي عمل به تيستائين قبول نه پوندا جيستائين زڪوات نه ڏئي. پر افسوس جو اڄ اسان جا سوين مسلمان ڀائر بيت الله شريف جو حج ڪرڻ جي باوجود به نماز روزي ۾ سستي ڪن ٿا، وري ڪي ٻيا ڀائر جيڪي نماز به پڙهن ٿا، روزا به رکن ٿا پر زڪوات ڏيڻ کان ڪيٻائين ٿا. حالانڪ ٻين غير اسلامي رسم ورواج ۽ دوست يارن جي راضي ڪرڻ لاءِ هزارين رپيا خرچ ڪن ٿا. شال الله تعاليٰ سڀني مسلمانن کي الله تعاليٰ جي احڪام تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي- آمين.

روزي جو احترام نه ڪرڻ

حديث ١٨: عَنْ اَبِيْ هُرَيْرَةَ قَالَ قَالَ النَّبِيُّ صَلَّي اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مَنْ لَّمْ يَدَعْ قَوْلَ الزُّوْرِ وَالْعَمَلَ بِهٖ فَلَيْسَ لِلّٰهِ حَاجَةٌ فِيْ اَنْ يَّدَعَ طَعَامَهٗ وَشَرَابَهٗ (صحيح [illegible] ص ٢٥٥)

حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو آهي ته جنهن شخص (روزو رکيو ۽) بڇڙي ڳالهائڻ يعني ڪوڙ بهتان گلا وغيره کي نه ڇڏيو ته الله تعاليٰ کي ان جي ڪاڌي، پيتي ڇڏڻ جي ڪا پرواه نه آهي.

تشريح: روزي جو مقصد اڄ يا بک ڪاٽڻ ناهي بلڪ روزي جو مقصد آهي، ناجائز خواهشات نفسانيه جو ختم ٿيڻ ۽ سرڪش نفس جو مطيع ڪرڻ پوءِ جيڪو شخص روزي رکڻ جي باوجود به ڪوڙ گلا چغلخوري ۽ گارگند ڪان باز نٿو اچي ته ان ڪي روزي جو اصل مقصد حاصل ٿي نه سگهندو ۽ جڏهن روزي مان اصل مقصد حاصل نه ٿيو ته بالفاظ حديث الله تعاليٰ کي ان جي بک يا اڄ برداشت ڪرڻ جي ڪا ضرورت ناهي، يعني ان جي روزي کي شرف قبوليت جو حاصل نه ٿو ٿئي. (حاشيه ابن ماجه ص١٢١ وحاشيه ابو دائود. صه٣٢٢ وحاشيه مشڪوات المصابيح ١٧٦)

مٿيون ڳالهيون اگرچه رمضان شريف ڪان سواءِ به ممنوع آهن ۽ انهن جي ڪرڻ سان گناهه ٿئي ٿو، مگر جيئن ته هي مهينو ٻين مهين ڪان وڌيڪ احترام جي لائق آهي، تنهن ڪري هن حديث ۾ وڌيڪ تنبيه ڪئي وئي جيئن روزيدار انهن ڳالهين ڪان بچي ڪري روزي جو پورو پورو ثواب حاصل ڪري، هي مقصد ناهي ته ان جو روزو بلڪل نه ٿيو، ڇو ته جيڪڏهن اهو روزو بالڪل نه ٿيڻ برابر هجي ها ته جيڪر ان جو قضا لازم هجي ها. حالانڪ جمهور علماءَ جي فتويٰ موجب ڪوڙ، گلا ۽ چغلي سان به روزو نٿو ڀڄي. (ارشاد الساري شرح بخاري ص٣٥٣ جلد ثالث)

تنبيه: گلا جي متعلق اڄ ڪلهه گهڻا سمجهدار ۽ لکيل پڙهيل ماڻهو به هن غلط فهمي ۾ مبتلا آهن ته شايد گلا

هي آهي جو پرپٺ ڪنهن ماڻهو جي متعلق اهڙي ڳالهه ڪئي وڃي جيڪا ان ۾ نه هجي، حالانڪ ائين سمجهڻ سراسر غلط آهي، حقيقت هي آهي ته ڪنهن به ماڻهو جي متعلق پرپٺ اهڙي ڳالهه بيان ڪرڻ جيڪا روبرو ٻڌي هن کي بار محسوس ٿئي، اها ڳالهه گلا آهي، پوءِ اها ڳالهه ڇو نه سچي هجي. جيئن حديث شريف ۾ مروي آهي.

حديث ١٩: عَنْ اَبِيْ هُرَيْرَةَ اَنَّ رَسُوْلَ اللهِ صَلَّي اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ اَتَدْرُوْنَ مَاالْغِيْبَةُ قَالُوْا اَللهُ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَمُ قَالَ ذِكْرُكَ اَخَاكَ بِمَا يَكْرَهُ قِيْلَ اَفَرَئَيْتَ اِنْ كَانَ فِيْ اَخِيْ مَا اَقُوْلُ قَالَ اِنْ كَانَ فِيْهِ مَا تَقُوْلُ فَقَدِاغْتَبْتَهٗ وَاِنْ لَّمْ يَكُنْ فِيْهِ مَا تَقُوْلُ فَقَدْ بَهَتَّهٗ (رواه مسلم مشكواة المصابيح (ص ٤١٢)

حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم هڪ دفعي پڇيو، ڇا توهان کي خبر آهي ته گلا ڇا آهي؟ اصحابن عرض ڪيو ته الله ۽ ان جو رسول ئي بهتر ڄاڻن ٿا. پوءِ پاڻ ڪريمن ارشاد فرمايو ته تون پنهنجي ڀاءُ (دوست) جي باري ۾ اهڙي ڳالهه ڪرين جيڪا هن کي پسند نه هجي. اهڙي ڳالهه گلا ۾ داخل آهي، سائل عرض ڪيو ته جيڪڏهن ان ڀاءُ ۾ واقعي اها ڳالهه هجي جيڪا ان جي متعلق پرپٺ چئي وئي، پاڻ ڪريمن فرمايو ته انهيءَ جي ڪري ته هن ڳالهه کي گلا چيو ويو، ڇو ته جيڪڏهن هن ۾ اها ڳالهه هجي ئي نه پوءِ ته ان ڳالهه ڪرڻ کي بهتان چئبو نه غيب ۽ گلا.

قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ گلا کي مئل ڀاءُ جي گوشت کائڻ سان تعبير ڪندي فرمايو آهي ته

١- اَيُحِبُّ اَحَدُكُمْ اَنْ يَّاْكُلَ لَحْمَ اَخِيْهِ مَيْتًا فَكَرِهْتُمُوْهُ (١٢) حجرات

يعني ته ڇا توهان مان ڪنهن ماڻهو کي اها ڳالهه پسند آهي جو پنهنجي مئل ڀاءُ جو گوشت کائي؟ هن ڳالهه کي ته توهان پسند نه ڪندؤ ۽ جيئن ته گلا ڪرڻ به مئل ڀاءُ جي گوشت کائڻ وانگر آهي، ان کان بچو.

گلا ڪندڙ روزيدار عورتون

حديث ٢٠: وَعَنْ عُبَيْدٍ مَوْلٰي رَسُوْلِ اللهِ صَلَّي اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ اَنَّ امْرَاَتَيْنِ صَامَتَا وَاَنَّ رَجُلًا قَالَ يَا رَسُوْلَ اللهِ اِنَّ هٰهُنَا امْرَءَتَيْنِ قَدْ صَامَتَا وَاَنَّ هُمَا قَدْ كَادَتَا اَنْ تَمُوْتَا مِنَ الْعَطَشِ فَاَعْرَضَ عَنْهُ اَوْ سَكَتَ ثُمَّ عَادَ وَاَرَاهُ قَالَ بِالْهَاجِرَةِ قَالَ يَا نَبِيَّ

حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جي غلام حضرت عبيد رضي الله عنه کان روايت آهي ته (رسول خدا صلي الله عليه وسلم جي زماني ۾) ٻن عورتن روزو رکيو، هڪ شخص انهن جي باري ۾ عرض ڪيو ته يا رسول الله هتي ٻن عورتن روزو رکيو آهي، ۽ اڃ جي تڪليف جي ڪري مرڻ جي ويجهو آهن. (مرڻ واريون آهن اجازت ملي ته روزو افطار ڪن ۽ ڪجهه کائن) پاڻ ان شخص کان منهن موڙيائون يعني ڪو توجه نه ڏنائون يا خاموش رهيا، ان

اللهِ اِنَّهُمَا وَاللهِ قَدْ مَاتَتَا اَوْ كَادَتَا اَنْ تَمُوْتَا قَالَ ادْعُهُمَا قَالَ فَجَائَتَا قَالَ فَجِيْءَ بِقَدَحٍ اَوْ عُسٍّ فَقَالَ لِاِحْدَاهُمَا قِيْئِيْ فَقَاءَتْ قَيْحًا وَدَمًا وَصَدِيْدًا وَلَحْمًا حَتّٰي مَلَاَتْ نِصْفُ الْقَدَحِ ثُمَّ قَالَ لِلْاُخْرٰي قِيْئِيْ فَقَائَتْ مِنْ قَيْحٍ وَدَمٍ وَصَدِيْدٍ وَلَحْمٍ عَبِيْطٍ وَغَيْرِهٖ حَتّٰي مَلَاَتِ الْقَدَحُ ثُمَّ قَالَ اِنَّ هَاتَيْنِ صَامَتَا عَمَّا اَحَلَّ اللهُ وَافْطَرَتَا عَلٰي مَا حَرَّمَ اللهُ عَلَيْهِمَا جَلَسَتْ

حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جي غلام حضرت عبيد رضي الله عنه کان روايت آهي ته (رسول خدا صلي الله عليه وسلم جي زماني ۾) ٻن عورتن روزو رکيو، هڪ شخص انهن جي باري ۾ عرض ڪيو ته يا رسول الله هتي ٻن عورتن روزو رکيو آهي، ۽ اڄ جي تڪليف جي ڪري مرڻ جي ويجهو آهن، (مرڻ واريون آهن اجازت ملي ته روزو افطار ڪن ۽ ڪجهه کائن) پاڻ ان شخص کان منهن موڙيائون يعني ڪو توجه نه ڏنائون يا خاموش رهيا، ان شخص وري عرض ڪيو غالبا هي به چيائين ته يا نبي الله تعالي جو قسم سخت گرمي جي ڪري مري ويون (يعني بچڻ جي ڪا اميد نه آهي) يا مرڻ جي قريب آهن، پاڻ فرمايائون ته انهن کي سڏي اچ، پوءِ جڏهن آيون ته پاڻ هڪ پيالو گهرايائون ۽ انهن مان هڪ عورت کي چيائون ته هن پيالي ۾ قي ڪر، جڏهن ان عورت قي ڪئي ته ان جي وات مان ايتري ته پون، رت، گوشت ۽ خون آلوده پون آئي جو اڌ پيالي جو ڀرجي ويو. پوءِ وري ٻي عورت کي قي جو حڪم

اِحْـدَاهُمَـا اِلَي الْاُخْرٰي فَـجَعلَتَـا تَاْكُلَانِ مِنَ لُحُـوْمِ النَّاسِ (ڪتـاب الترغيب والترهيب علي حــواشي مـشـڪـواة صـ١٨٦)

ڪيائون، ان ٻه پون رت ۽ تـازي گوشت جي قي ڪئي جنهن سـان سڄو پيالو ڀرجي ويو، پوءِ پاڻ فرمايائون تہ هنن روزي وقت اهڙو طعام کاڌو هيو جيڪو الله تعاليٰ هنن جي لاءِ حـلال ڪيـو آهي ۽ وري اهڙي شيءِ ســـان روزو ڪـوليـائون، جنهن کي الله تعـاليٰ حرام ڪيو آهي، هنن مان هڪڙي ٻي وٽ اچي ويٺي، پوءِ ماڻهن جي گوشت کائڻ ۾ شروع ٿي ويون. يعني هنن ٻين ماڻهن جي گلا ڪئي آهي ۽ هي گـوشت اهو گـلا وارو آهي.

هي حديث شريف مٿئين آيت مبارڪ جي بلڪل مطابق آهي، جنهن ۾ گلا کي مئل ڀاءُ جي گوشت کائڻ سان تعبير ڪيو ويو آهي.

نصيحت: هن حـديث شـريف ۾ سـڀني مـسلمـانن خاص ڪري عورتن جي لاءِ خصوصي تنبيه آهي، ڇو تہ اڪثر ڏٺو ويو آهي تہ جاتي ٻہ چار ڄڻيون پاڻ ۾ گڏ ٿينديون آهن تہ ضرور ڪنهن نہ ڪنهن ماڻهو جي باري ۾ تبصرو ڪنديون آهن: ادي فلاڻو ههڙو آهي، فلاڻي عورت ۾ هي عيب يا عادت آهي، وغيره تنهن ڪري اي الله جون نيڪ ٻانهيون هميشہ ڪنهن جي باري ۾ پرپٺ ڪجهہ نہ چئو، خاص ڪري رمضان شريف ۾ اجا ٻہ وڌيڪ خيال ڪيو، ڇو تہ جڏهن الله تعاليٰ هن

مبارڪ مهيني جي روزن رکڻ جي توفيق به ڏني آهي ته هاڻي تون به روزي جي سيني حقن ۽ شرطن جي پوري طرح رعايته ڪر. ائين نه ٿئي جو تون سڄو ڏينهن اڄ بک به ڪاٽين ۽ ڏينهن ۾ ڪو اهڙو گناهه به ڪري وجهين جنهن سان تنهن جي روزي جو ثواب به هليو وڃي.

حضرت ابو هريره رضي الله عنه ڪان روايت آهي ته رسول خدا صلي الله عليه وسلم جن فرمايو:

حديث ٢١: رَبَّ صَائِمٍ لَيْسَ لَهٗ مِنْ صِيَامِهٖ اِلَّاالْجُوْعُ وَرُبَّ قَائِمٍ لَيْسَ لَهٗ مِنْ قِيَامِهٖ اِلَّاالسَّهْرُ (سنن ابي ماجه صه ١٤١)

ڪيترائي روزيدار آهن جن کي پنهنجي روزي مان سواءِ بک جي ڪجهه حاصل نه ٿو ٿئي ۽ ڪيترائي بيهندڙ (بيهي عبادت ڪندڙ آهن. جنڪي جاڳڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به حاصل نه ٿو ٿئي.

مشڪوات شريف ۾ لفظ جوع (بک) جي بجاءِ ظلماءَ (اڄ) جو لفظ آيو آهي، مطلب ته روزيدار، رات جو جاڳي تراويح پڙهندڙ، عبادت گذار جيستائين ڪوڙين شاهدين، بهتان، گلا ۽ ٻين برن ڪمن کان باز نه ايندو، تيستائين اهو روزي جي رحمتن ۽ برڪتن کان مستفيض ٿي نه سگهندو. اهڙيءَ طرح رات جو جاڳي عبادت ڪندڙ. مثلا صبح جي نماز تي اٿي ئي نه ۽ نماز قضا ٿو ڪري، يا ماڻهن جي ڏيکارڻ لاءِ جاڳي ٿو يا ٻيو ڪو اهڙو ڪم ٿو ڪري، جنهن سان گناهه ٿو

ٿئي، تيستائين اهو به رمضان جون رحمتون حاصل ڪري نه ٿو سگهي، ياد رکڻ گهرجي ته فتويٰ موجب مذڪوره صورتن ۾ به روزيدار جو روزو ٿي ويجي ٿو دوباره قضا ڪرڻ جي ضرورت ناهي.

هڪ اهم واقعو: جليس الناصحين ۾ روايت

آهي ته حضرت علي رضي الله عنه هڪ ڀيري قبرن جي زيارت لاءِ ويو، اتي هڪ نئين قبر ڏٺائين، الله تعاليٰ جي درگاهه ۾ دعا گهريائين ته هن ميت جو حال معلوم ٿئي. الله تعاليٰ جي مهربانيءَ سان ڪين ان جو حال معلوم ٿيو، جنهن حضرت علي رضي الله عنه کي سچائي دانهن ڪري عرض ڪيو، يا علي انا غريق في النار وحريق في النار (اي حضرت علي (رضي الله عنه) آءُ باهه ۾ ٻڏل آهيان ۽ باهه ۾ سڙي رهيو آهيان، مون سان مدد ڪر) حضرت علي سائين رضي الله عنه الله پاڪ جي بارگاهه ۾ التجا ڪئي ۽ ڏاڍي زاري سان دعا گهريائين ته اي الله سائين هن کي بخشي ڇڏ. غيب کان آواز آيو ته توهان هن جي سفارش نه ڪيو، ڇو ته هي شخص رمضان شريف جي عزت نه ڪندو هو، ڏينهن جو روزو به رکندو هو ۽ رات جو گناهه به ڪندو هو، تنهن ڪري هن تان عذاب گهٽ نه ٿيندو. (رمضان جون رحمتون)

اي مسلمان! جڏهن رمضان شريف ۾ روزا رکندڙ شخص به گناهه ڪري ٿو ته الله تعاليٰ ان لاءِ سفارش ڪرڻ کان حضرت علي رضي الله عنه کي روڪي ٿو هن مان پاڻ

اندازو لڳايو تہ جيڪو شخص بلڪل روزا رکي ئي نہ ٿو تہ ان جو ڇا حال ٿيندو، ڇا اهڙي ماڻهوءَ لاءِ حضرت علي رضي الله عنہ سفارش ڪندو؟ جيڪڏهن نہ تہ پوءِ همت جو سندرو ٻڌي رمضان شريف ۾ نيڪي، تقويٰ پرهيزگاري، عبادت ۽ ذڪر جي ميدان ۾ ڪاميابي حاصل ڪري. الله تعاليٰ جي ديدار حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جي شفاعت، اصحابن، اهل بيت ۽ الله وارن جي سفارش جو انعام حاصل ڪر. الله تعاليٰ جي وسيع رحمت، برڪت ۽ بخشش جا دروازا اٿئي پهر تولاءِ کليل آهن، صرف تنهنجي اڳتي وڌڻ جي دير آهي.

ٻيو واقعو: مشهور ڪتاب زبدة المجالس ۾ بيان ٿيل آهي تہ هڪ مجوسي رمضان شريف ۾ هڪ ڏينهن پنهنجي پٽ کي بازار ۾ ڪا شيءِ کائيندي ڏسي چماٽ هڻي تنبيه ڪئي تہ تون مسلمانن جي پلاري مهيني جي عزت ڇو نٿو ڪرين. مسلمانن جي اڳيان ظاهر ظهور ڇو ٿو کائين. خدا جي قدرت جلد ئي اهو مجوسي فوت ٿي ويو ۽ هڪ بزرگ خواب ۾ ان کي بهشت ۾ هڪ تخت تي عزت سان ويٺل ڏٺو ۽ ان کان پڇيائين تہ تون فلاڻو مجوسي آهين، هتي جنت ۾ ڪيئن پهتو آهين؟ هن چيو تہ برابر مان اهوئي مجوسي آهيان، ۽ سڄي زندگي دين اسلام کان پري رهيس پر هڪ دفعي مون رمضان شريف جي احترام نہ ڪرڻ سبب پنهنجي پٽ کي چماٽ هڻي هئي، جنهن ڪري الله تعاليٰ پنهنجي فضل ڪرم سان مرڻ وقت مون کي ڪلمہ شهادت نصيب ڪيو، ۽ منهنجو موت اسلام تي ٿيو آهي

۽ اڄ اسلام جي صدقي ئي مون تي مهرباني ٿي آهي، جو جنت جا مزا مائي رهيو آهيان.

اي مسلمان! جڏهن الله تعاليٰ رمضان شريف جي عزت ڪرڻ سبب هڪ غير مسلم مجوسي تي ايتري مهرباني فرمائي ٿو. لهذا جيڪڏهن تون رمضان جي روزن، نيڪ ڪمن جي پابندي ڪندئين تہ توتي ايجا بہ وڏيڪ مهرباني ٿيندي.

روزي جا فائدا

حديث٢٢: عَنْ اَبِيْ هُرَيْرَةَ قَالَ قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّي اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لِكُلِّ شَيْءٍ زَكٰوةٌ وَزَكٰوةُ الْجَسَدِ الصَّوْمُ (سنن ابن ماجه صہ ١٢٥)

حضرت ابو هريره رضي الله عنہ کان روايت آهي تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ هر شيءِ جي زڪواة آهي ۽ جسم جي زڪوات روزو آهي.

تشريح: يعني جهڙي طرح زڪوات ادا ڪرڻ سان دنيادارن جي ملڪيت شڪ شبهي کان پاڪ ۽ ان جو استعمال ڪرڻ حلال ٿي پوندو آهي، اهڙي طرح مسلمانن جو جسم بہ روزي رکڻ سان پاڪ صاف ۽ جنت ۾ داخل ٿيڻ جو لائق بنجي ويندو آهي، ٢- نفس ۽ روح ٻئي هڪ ٻئي جا دشمن آهن، انهن مان هڪڙي جي مضبوط ٿيڻ سان ٻيو ڪمزور ٿيندو آهي، نفس، جسماني طعامن ۽ لذتن سان طاقتور ٿيندو آهي ۽ روح

نيڪ عملن سان قوي ٿيندو آهي، انهيءَ ڪري سال ۾ هڪ مهينو ڏينهن جو ڪائڻ پيئڻ ڪان منع ڪئي ويئي، جيئن روح طاقت وٺي ۽ نفس ڪمزور ٿئي. ٣- خوراڪ ۽ پاڻي الله تعاليٰ جون نعمتون آهن ۽ انهن جو قدر بک ۽ اڃ ڪان پوءِ ئي ٿي سگهي ٿو، ان ڪري ئي روزا فرض ڪيا ويا، جيئن انسان کي الله تعاليٰ جي نعمتن جو قدر ٿئي ۽ شڪر ادا ڪري. ۴- روزي رکڻ سان اڃايل ۽ بکايل مسڪينن سان همدردي جو جذبو پئدا ٿئي ٿو. ۵- ڪڏهن مجبورا به انسان کي بک ڪاٽڻي پوي ٿي، جيئن بيابان جو سفر وغيره ۽ روزي سان ان بک برداشت ڪرڻ جي عادت پوي ٿي ٦- روزو ڪافي بيمارين جو علاج آهي، هن ڳالهه ۾ ڊاڪٽر ۽ طبيب سڀ متفق آهن. ٧- ٻين عبادتن جو بدلو جنت آهي ۽ روزي جو بدلو خالق جنت يعني الله تعاليٰ آهي ٨- حديث شريف ۾ اچي ٿو ته قيامت ڏينهن گناهگار ڪان نيڪ عمل وٺي انهيءَ جي حق خواهن کي ڏنا ويندا. مگر روزو ڪنهن به حق يا عمل جي عيوض ۾ ڪنهن ڪان ڪسيو نه ويندو ٩- جهڙي طرح وضو ۽ غسل سان ماڻهو جسم جي گندگين ڪان پاڪ ٿي عبادت، تلاوت ۽ مسجد ۾ وڃڻ جي لائق ٿي ٿو پوي، اهڙي طرح روزو به انساني روح کي پاڪ ڪري بارگاهه الاهي جو لائق بڻائي ٿو ۽ ان کي جمال خدائي جي، ديدار جو حقدار بنائي ٿو- ١٠- روزي جي ڪري، الله تعاليٰ وٽ انسان جي سفارش ماهه رمضان ۽ قرآن پاڪ ڪن ٿا ١١- روزيدار جي دل ۾ تقويٰ پرهيزگاري ۽ خوف

خدا پيدا ٿئي ٿو ۽ الله تعاليٰ وٽ سڀ کان زياده مقرب ٻانها متقي آهن، ۽ سوره بقره جي شروع ۾ ئي الله تعاليٰ فرمايو آهي تہ هي ڪتاب متقين جي لاءِ هدايت آهي ١٢- رمضان شريف جي پهرين ڏهاڪي ۾ الله تعاليٰ جي رحمت وسي ٿي ۽ ٻئي ڏهاڪي ۾ مغفرت يعني گناهن جي بخشش ٿئي ٿي ۽ آخري ڏهاڪي ۾ گنهگارن کي دوزخ کــــان آزادي ملي ٿي ١٣- رمضان شريف ۾ رزق ۾ برڪت زياده ٿئي ٿي ١٤- روزيدار جو کاڌو پيتو سڀ عبادت ۾ لکيو وڃي ٿو ١٥- نيڪ عملن جو ثواب ٻيــٽــو ڪري ڏنو ٿــو وڃي ١٦- روزيدار لاءِ زمين آسمان جا سڀ فرشتا بخشش جون دعائون گهرن ٿا. ١٧- شيطان بند ڪيا وڃن ٿا ١٨- دوزخ جا دروازا بند ڪيا وڃن ٿا ۽ جنت جا دروازا کوليا وڃن ٿا. ١٩- روزي کولڻ مهل روزانہ هڪ ڪروڙ جهنمي دوزخ کــان آزاد ٿين ٿــا. ٢٠- جمعي جي رات هر گهڙي هڪ ڪروڙ جهنمي آزاد ٿين ٿا.

٢١- روزيدار جا گناهہ بخش ڪيــا وڃن ٿــا ٢٢- روزيدارن لاءِ سمورو سال جنت کي سينگاريو ٿو وڃي ٢٣- روزيدار ٻانهن جون دعائون قبول ڪيون وڃن ٿيون ٢٤- هن مهيني ۾ هڪ فرض جو ثواب ٻين مهينن جي ٧٠ فرضن برابر ملي ٿو ٢٥- هن مهيني ۾ نفل پڙهڻ سان فرض جو ثواب ملي ٿو.

٢٦- هن مهيني ۾ هڪ اهڙي ڀلاري رات آهي جنهن ۾ عبادت ڪرڻ سان هزار مهينن جي عبادت جو ثواب ملي ٿو ٢٧- ان ڀلاري رات (ليلة القدر) ۾ فرشتا آسمان تان لهي اچن ٿا ۽ عبادت ڪندڙن سان مصافحہ ڪن ٿا ۽ ان جي دعا گهرڻ ٿي

آمين چون ٿا. ٢٨- حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو آهي صوموا تصحوا يعني روزا رکو، تندرست رهو. (منهاج التبليغ، ص٣٧٩، جلد پيو)

تندرستي مان ظاهري تندرستي ۽ باطني تندرستي يعني تزڪيہ نفس ٻئي مراد آهن. باطني تندرستي جي ڪري انسان گهڻن گناهن کان بچي ٿو ۽ ظاهري تندرستي جي ڪري جسماني صحت بهتر ٿئي ٿي. نئين تهذيب وارن لاءِ مشهور ڊاڪٽر جوئل شو جو هي چوڻ بہ روزي جي فائديمند هجڻ لاءِ ڪافي دليل آهي. هو پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ سيني ڊاڪٽرن جو ان اصول تي اتفاق آهي تہ بيماري زائل ٿيڻ لاءِ غذا نہ کائڻ هڪ خاص تدبير آهي، اهڙي طرح هڪ ٻئي ڊاڪٽر شوني بہ لکيو آهي تہ غذا نہ کائڻ جي ڪري هاضمي ڪرڻ واري طاقت خالي ۽ فارغ ٿي بدن جي صفائي ۾ لڳي ويندي آهي ۽ هر قسم جي زهريلي مادي کي بدن مان ٻاهر ڪڍي اڇلائيندي آهي. (رمضان جون رحمتون)

مختصر مسائل روزه رمضان

سوال: جيڪڏهن روزيدار ڀل ۾ کائي يا پيئي ته ان جو روزو ڀڄندو يا نه؟

جواب: ان جو روزو نه ڀڄندو. (ڪنزالدقائق عيني ص٦٩

سوال: روزي جي حالت ۾ خوشبوءِ سنگهڻ جائز آهي يا نه؟

جواب: جائز آهي، حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن رمضان شريف ۾ روزي سان گلاب جو گل سنگهيو. (فتاويٰ واحدي ص٣١٥)

سوال: صحتمند مسافر سفر ۾ روزو رکي يا نه ۽ تراويح پڙهي يا نه؟

جواب: تندرست مسافر لاءِ روزو رکڻ بهتر آهي، پر جيڪڏهن نه رکي ته به درست آهي، مٿس ڪو گناهه وغيره ڪو نه ٿيندو، تراويح پڙهڻ ۾ به جيڪڏهن دشواري نه هجي ته پڙهي ٻي صورت ۾ تراويح به ڇڏي سگهي ٿو. (فتاويٰ مظهري ص١٥٤)

سوال: روزي جي حالت ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ، گلا ڪرڻ يا ڪو نامناسب ڪلام ڪرڻ سان روزو ڀڄي پوي ٿو يا نه؟

جواب: مذڪور ڳالهيون روزيدار لاءِ سخت مڪروهه آهن، البت علماءِ ڪرام جي متفقه فتويٰ موجب روزو

. مالا بد منه ص١٠٠

سوال: جيڪڏهن روزيدار روزي جي حالت ۾ پنهنجي گھر واري کي چمي ڏني يا روزيدار جي نڙي ۾ مک هلي ويئي يا ڏندن ۾ قاتل کي ذرڙا ڪاڏائين، يا قيءُ آئي ۽ خود بخود واپس نڙي ۾ هلي ويئي ته روزو باقي رهندو يا نه؟

جواب: بيان ڪيل سڀني صورتن ۾ روزو نه ڀڄندو، البته جيڪڏهن چمي ڏيڻ سان انزال ٿي ويو ته روزو ڀڄي پيو، اهڙي طرح جيڪڏهن پاڻ سوچي سمجهي بنا ضرورت قي ڪيائين يا قيءُ پاڻ آئي ۽ هن پاڻ سوچي سمجهي قي واپس ڳھي ڇڏي ته ان صورت ۾ فقط روزي جو قضا لازم ايندو. (ڪنزالدقائق ص٦٩)

سوال: جيڪڏهن ڪنهن مسافر يا بيمار روزو رکيو ۽ پوءِ افطار ڪري کائڻ چاهي ٿو ته هاڻ ان مسافر يا مريض کي ڪجھه کائڻ يا پيئڻ جائز آهي يا نه؟

جواب: مٿين صورت ۾ حضرت امام ابو حنيفه رح جي چوڻ موجب جيڪڏهن ان مسافر يا مريض رات جو روزي جي نيت نه ڪئي آهي ته کائڻ جائز آهي، پر جيڪڏهن رات جو نيت به ڪيائين ۽ صبح صادق تائين سندس نيت ۾ ڪو فرق به نه آيو آهي ته هاڻ هيءُ روزيدار آهي. هن کي ڪجھه به کائڻ جائز نه آهي، پر جيڪڏهن وري به نه مڙيو ۽ ڪجھه کاڌائين ته به مٿس ڪفارو لازم نه ايندو، فقط قضا ڪندو. (تفسير

مظهري، صہ ١٨٢)

سوال: روزيدار لاءِ سرمون پائڻ، تيل مکڻ، يا ڏندڻ ڏيڻ جو حڪم ڇا آهي؟

جواب: جائز آهي، مڪروه وغيره ناهي. (ڪنزالدقائق ص٧٠)

سوال جيڪڏهن ڪو روزيدار پيل ۾ ڪجهہ ڪائي رهيو آهي تہ ان صورت ۾ ٻين ماڻهن کي گهرجي تہ ان کي روزو ياد ڏيارن يا نہ؟

جواب: جيڪڏهن ڪائيندڙ روزيدار ۾ ايتري طاقت آهي جو رات تائين روزي جي تڪليف سهي سگهي ٿو تہ ان کي ٻڌائڻ ضروري آهي، نہ ٻڌائڻ مڪروهہ آهي. باقي جيڪڏهن ڪمزور آهي تہ پوءِ ان کي نہ ٻڌائڻ بہ جائز آهي. (المتانة الفتانة ص١٥٨)

سوال: جيڪڏهن روزيدار ڀل ۾ ڪجهہ کاڌو، پيتو يا جماع ڪيو يا قي ڪيائين ۽ هن پنهنجي گمان ۾ سمجهيو تہ شايد هاڻي منهنجو روزو ڀڄي پيو، پوءِ پاڻ سوچي سمجهي کاڌائين تہ ان صورت ۾ روزو ڀڄندو يا نہ ۽ ڀڄڻ جي صورت ۾ قضا ۽ ڪفارو ٻئي لازم ٿيندا يا فقط قضا.

جواب: مذڪوره صورتن ۾ فقط قضا لازم آهي، ڪفاري جي ضرورت ناهي. (بدائع الصنائع صہ١٠٠، جلد ثاني)

سوال: جيڪڏهن وضو ڪندي روزيدار جي نڙي ۾ پاڻي هليو ويو ۽ کيس روزو به ياد هيو يا مجبورا ڪنهن ماڻهو جي خوف ڪان روزيدار ڪجهه ڪاڌو يا پيتو، يا نڪ ۾ دوا وڌائين ۽ اها دوا نڪ جي هڏي تائين هلي ويئي. يا صبح جو پاڪ ڦٽي وڃڻ کان پوءِ بيخبري ۾ ڪجهه کاڌائين ۽ هن جي خيال موجب اڃا رات آهي، مذڪوره صورتن ۾ روزيدار جو روزو باقي رهندو يا نه؟

جواب: مٿين صورتن ۾ روزو ڀڄي پوندو، ۽ رمضان شريف کان پوءِ قضا ڪرڻ ضروري آهي. البته انهن سيني صورتن ۾ ڪفاره ڏيڻ جي ضرورت ناهي. (شرح وقايه ص٣١١)

سوال: جيڪڏهن ڪنهن شخص کان رمضان شريف جا ڪجهه روزا رهجي ويا ۽ ٻئي سال جي رمضان اچڻ تائين قضا نه ڪيائين، اهڙيءَ صورت ۾ ان شخص تي قضا ۽ ڪفارو ٻئي لازم ايندا يا فقط قضا ڪرڻ ڪافي آهي. ۽ موجوده رمضان ۾ جيڪي روزا رکندو قضا وارا ٿيندا يا موجوده سال جا.

جواب: هن صورت ۾ موجود رمضان شريف جو روزو ادائي ٿيندو. يعني گذريل سال جي رمضان جا روزا عيد شوال کان پوءِ قضا ڪندو، مٿس ڪو ڪفارو وغيره لازم نه آهي، (مجموعه فتاوي، ص٥٥، جلد اول)

سوال: جيڪڏهن روزيدار کي ننڊ ۾ تڙ پئجي وڃي ته ان سان روزو ڀڄي پوندو يا نه؟

جواب: ننڊ ۾ تڙ پوڻ سان روزو نه ڀڄندو. (هدايه ص٢١٧، جلد اول)

سوال: جيڪڏهن ڪنهن شخص روزو رکي ڀڃي وڌو يعني ڏينهن جو ڪو طعام ڪاڌائين يا پاڻي پيتائين ته ان صورت ۾ متس قضا ۽ ڪفارو ٻئي ضروري ٿيندا يا فقط قضا ڪافي آهي؟

جواب: مٿين صورت ۾ روزو قضا ڪرڻ به ضروري آهي ۽ ڪفارو ڏيڻ به لازمي آهي.

سوال: ڪفارو ڪيترو ۽ ڪهڙي نموني ڏيڻ گهرجي؟

جواب: ڪفاري جي نيت سان ٻانهو آزاد ڪرڻ ضروري آهي ۽ ٻانهو نه ملڻ جي صورت ۾ جيئن اڄ ڪلهه غلام نٿا ملن ته پوءِ ٻه مهينا لاڳيتو روزا رکي، پر جيڪڏهن ان ۾ ايترا ڏينهن مسلسل روزا رکڻ جي طاقت به نه آهي ته پوءِ سٺ مسڪينن کي کاڌو کارائي (هدايه، ص٢١٩)

سوال: روزيدار کي ڏندڻ ڏيڻ گهرجي يا نه، يا صبح جو ڏندڻ ڏيڻ جائز ۽ شام جو ناجائز آهي؟

جواب- صبح توڙي شام جنهن وقت چاهي ڏندڻ ڏئي سگهي ٿو. (هدايه ص٢٢)

سوال: اهي ڪهڙا عذر آهن، جن جي ڪري روزي نہ رکڻ جي اجازت آهي؟

جواب: جيڪڏهن ڪو شخص بيمار آهي ۽ هن کي ماهر طبيب چيو آهي تہ جيڪڏهن روزو رکنديئن تہ بيماري وڌي ويندي يا بيماري ڏکي ٿي ويندي تہ ان صورت ۾ روزو نہ رکڻ جائز آهي، يا سندس ذاتي طبيعت جي تجربہ جي لحاظ سان بيماري وڌڻ ڏکي ٿيڻ جو خوف هجي، يا مثلا بخار جو وارو هجي تہ ان صـــورت ۾ بہ روزو نہ رکڻ جائز آهي، پوءِ جيڪڏهن بخار نہ آيو تہ بہ صحيح مذهب موجب فقط روزو قضا ڪندو ۽ ڪفاري جي ضرورت ناهي. (مراقي الفلاح، ص١٣٥- ١٣٦

سوال: جيڪڏهن بيمار ۽ مسافر روزن قضا ڪرڻ کان اڳي مري وڃن تہ ان جو حڪم ڇا آهي؟

جواب: مسافر ۽ بيمار جيڪڏهن مقيم ۽ تندرست ٿيڻ کان اڳي مري ويا تہ انهن تي قضا لازم نہ آهي، البت جيڪڏهن مقيم ۽ تندرست ٿيڻ کان پوءِ ڪو مري وڃي تہ پوءِ اوترا ڏينهن مٿس قضا فرض سمجهبو، جيترا ڏينهن بيمار تندرست رهيو ۽ مسافر مقيم رهيو، مثال طور زيد رمضان شريف جا ٢٠ ڏينهن مسافر هيو، ۽ شوال جي ٥ تاريخ گهر پهتو ۽ ڏهہ تاريخ فوت ٿي ويو تہ هاڻي صرف ٥ ڏينهن قضا

لازم ٿيندو. پوءِ اهي پنج ڏينهن پاڻ روزا رکيائين ته بهتر، نه ته ان کي ضروري آهي ته ٥ ڏينهن روزن جي فديه جي وصيت ڪري وڃي. (هدايه، ص٢٢٢)

سوال: جيڪڏهن ڪو شخص اهڙو بيمار آهي جو، هن ۾ وري تندرستي ٿي روزن رکڻ جي اميد به نه آهي ته ان صورت ۾ هن کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

جواب: اهڙي مريض کي گهرجي ته هر روزي جي عيوض ڪنهن مسڪين کي اڌ ٽويو ڪڻڪ ڏيندو رهي ۽ جيڪڏهن غريبي جي ڪري اهو صدقه به نه ٿو ڏئي سگهي ته پوءِ بارگاهه الاهي ۾ استغفار يعني پنهنجي لاءِ بخشش جي دعا گهرندو رهي. (متانة الفطانة ص١٦٤)

سوال: اهي ڪهڙا روزا آهن جن جي لاءِ رات جو نيت ڪرڻ ضروري آهي؟

جواب: رمضان شريف ۽ مقرر نذر واري روزي لاءِ رات جو نيت نه ڪرڻ جي صورت ۾ سج لڙڻ تائين ڪنهن به وقت ۾ نيت ڪرڻ درست آهي ۽ قضا رمضان ۽ نذر مطلق ۽ ڪفاره جي روزن لاءِ رات جو نيت ڪرڻ ضروري آهي ۽ نفلي روزي لاءِ رات جو نيت ڪرڻ ضروري ناهي بلڪ سج لڙڻ تائين ڪنهن به وقت ۾ نيت ڪري سگهي ٿو. (قدوري، ص٦٦)

سوال: جيڪڏهن ڪنهن شخص کان ڪجهه روزا

رهجي ويا تہ هاڻي لاڳيتو روزا رکڻ ضروري آهن يا چند ڏينهن روزا رکي وري ڪجهہ ڏينهن ڇڏي پيهر روزا شروع ڪري تہ بہ جائز آهي؟

جواب: لاڳيتو روزا رکڻ جي ضرورت نہ آهي، ڪجهہ ڏينهن يا ڪئي مهينا ڇڏي ڏئي ۽ پوءِ وري رکي تہ بہ ڪو گناھ ناهي. (شرح وقايہ، ص٣١٥، جلد اول).

سوال: رمضان شريف ۾ تراويح پڙهڻ واجب آهي يا سنت ۽ تراويح جي لاءِ جماعت ڪرڻ بہ ضروري آهي يا نہ؟

جواب: تراويح پڙهڻ سنت موڪده آهي ۽ ان لاءِ جماعت ڪرڻ بہ سنت آهي ۽ بنا عذر اڪيلو نماز پڙهڻ بهتر نہ آهي.

سوال: تراويح پڙهڻ فقط مردن لاءِ سنت موڪده آهي يا عورتن لاءِ بہ ترواِيح پڙهڻ سنت آهي؟

جواب: عورتن لاءِ بہ ساڳيوئي حڪم آهي، ضروري تراويح پڙهن. (رکن دين ص١٤٧)

سوال: هڪ شخص فرض نماز ۾ جماعت سان نہ ملي سگهيو تہ هاڻي اهو شخص اڪيلو فرض پڙهي ۽ جماعت سان تراويح پڙهي تہ جائز آهي يا نہ؟

جواب: بيشڪ فرض پڙهي جماعت سان گڏجي تراويح پڙهي. (درمختار، رکن دين)

سوال: تراويح جي چئن چئن رڪتعن بعد ڪجهه وقت ويهڻ جو ڪهڙو حڪم آهي؟

جواب: مستحب آهي. در مختار (رڪن دين)

سوال: انهيءَ ويهڻ مهل ڇا پڙهڻ گهرجي؟

جواب: هي دعا پڙهڻ گهرجي.

سُبْحَانَ ذِي الْمُلْكِ وَالْمَلَكُوتِ سُبْحَانَ ذِي الْعِزَّةِ وَالْعَظْمَةِ وَالْهَيْبَةِ وَالْقُدْرَةِ وَالْكِبْرِيَاءِ وَالْجَبَرُوتِ. سُبْحَانَ الْمَلِكِ الْحَيِّ الَّذِي لَا يَنَامُ وَلَا يَمُوتُ سُبُّوحٌ قُدُّوسٌ رَبُّنَا وَرَبُّ الْمَلَائِكَةِ وَالرُّوحِ اَللّٰهُمَّ اَجِرْنَا مِنَ النَّارِ

تمت بالخير